# آستور ڏانهن اُڏام

## (سفرنامو)

احسان علي سومرو (ڪرمي)



# استور ڏانهن اڏام

احسان علي سومرو

احسان پبليڪيشن ميهڙ، سنڌ 2021ع

ڪتاب نمبر 13

حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | استور ڏانهن اڏامر |
| موضوع: | سفر نامو |
| ليکڪ: | احسان علي سومرو (ڪرمي) |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڪمپوزنگ: | مير خان تيوٽو |
| پروف ريڊنگ: | محمد ذڪريہ ملاح (ڪرمي) |
| ٽائيٽل: | ارسلان چشتي |
| سنِ اشاعت: | مارچ 2021ع |
| ڇپائيندڙ: | جان محمد جهنڊير (ڪرمي) |
| ڇپيندڙ: | احسان پبليڪيشن ميهڙ، سنڌ 0300-3671729 |
| قيمت: | 100/- روپيہ |
| پاران | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

"Istor Danhn Udam"
By: Ahsan Ali Sommro
Published by:Ihsan Publication, Mehar, Sindh
Contect # 0300-3671729
Email: ihsanpublication@gmail.com
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

الاحسان بڪ اسٽال ميهڙ
پنائي ڪتاب گهر حيدرآباد
مڪ بڪ هاؤس حيدرآباد
دستگير ڪتب خانہ دادو
عبدالرزاق ڪتاب گهر ميهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو

# ارپنا

هي ڪتاب مان..
پنهنجي قائد،
پنهنجي استاد،
پنهنجي رهنما،
وقت جي ڪامل ولي،
هڪ عظيم اسڪالر،
450 ڪتابن جي عظيم مصنف
پنهنجي مرشد،
حضرت پير محمد ڪرم الله الاهي نقشبندي، قادري المعروف دلبر سائين مدني ڏانهن منسوب ڪيان ٿو...
جنهن منهنجي ذهن ۾ سمايل خاموش ساگر ۾ هڪ جدوجهد جو طوفان برپا ڪيو.
جنهن جي صحبت ۾ اچڻ سان غفلت جي اگهور ننڊ ۾ ستل بيدار ٿيا.
نياڳا سياڳا ٿي پيا.
جنهن جي لکيل ڪتابن ۽ تقريرن سان حق جي سڃاڻ، محبوب مديني واري سائين ﷺ جو عشق،
۽ اسلام جي عظمت جو اندازو ٿيو.
۽ دنيا جي داستان، ۽ انجي هر قسم جي علوم جي ٿوري ٿوري ڄاڻ پڻ ملي.
ڪتابن سان عشق نصيب ٿيو.
سڀ کان وڏيڪ هڪ جذبو مليو،
ڪجھ ڪرڻ جو،
پڙهڻ جو، لکڻ جو ۽ حال آهر اڳتي وڌڻ جو.
جيڪو ماٺيو ماضي ۾ لکي نہ سگهندو هيو، اڄ ان جو لکيل ڪتاب توهانجي هٿن ۾ آهي الله پاڪ سندن کي عمر دراز عطا فرمائي. آمين

# پيش لفظ

زمين ۾ سير ڪيو.
قران پاڪ جا هي الفاظ جڏهن مون تائين پهتا ته دل ۾ پڪو ۽ پختو ارادو ڪيم ته جيتري پاڻ ۾ سگهه هوندي ان سگهه تحت مالڪ جو جهان ڏسبو ته ان جي مخلوق ڪتي ڪيئن ۽ ڪهڙي حال ۾ رهي ٿي.
ماڻهن جون صورتون ۽ سيرتون، اخلاق ۽ اطوار، ريتون ۽ رسمون رهڻيون ۽ ڪهڻيون پرکيون.
توڙي جو سڀ انسان آدم جو اولاد آهن ۽ زمين به هڪ ئي آهي. پر هر علائقي جي رهڻي ڪهڻي، تهذيب و تمدن، خوبصورتي ۽ بيهڪ، هوائون ۽ فضائون، پوشاڪ ۽ خوراڪ بولي ۽ لولي، ثقافت ۽ سجاوت، سواري ۽ سياست ، جانور ۽ جهنگ جدا جدا آهن.
هر علائقي جي سونهن ۽ سينگار پنهنجي آهي
هر علائقي جي تاريخ پنهنجي آهي.
اهڙين سينې رازن کي پرکڻ لاءِ سفر ڪرڻ بلازم آهي.
پيو ته .....
سفر انسان جي ذهن کي کولي ٿو.
سفر مونجهارا ختم ڪري ٿو.
سفر زندگي گذارڻ کي سولو ڪري ٿو.
سفر غمن ۽ غصن جو علاج ٿئي ٿو.
سفر ماضي جي تڪليفن کي وسارڻ ۾ مدد ڪري ٿو.
سفر علم ۾ اضافو ڪري ٿو.
سفر انسان جي شهرت کي وڌائي ٿو.
سفر ڪرڻ سان انسان ۾ شعور اچي ٿو، سفر ۾ حڪمت جا موتي ملن ٿا. سفر تڪليفون به ڏيندو آهي پر اهي تڪاليف به اڳتي لاءِ آساني پيدا ڪري ويندیون آهن.
سفر ڪرڻ سان انسان جي طبيعت ۾ بهتري اچي ٿي ان مان نيگيٽو اثرات ختم ٿين ٿا ذهن کلي ٿو جاڻ وڌي ٿي.
قدرت جي ڪاريگري کي ڏسي وحدانيت جو يقين پختو ٿئي ٿو.

اڄ جي ذور ۾ تيزي سان وڌندڙ بيماري ڊپريشن آهي ماهر نفسيات جو چوڻ آهي ته هن وقت پوري دنيا اندر هي بيماري تيزي سان وڌي رهي آهي ېن مان هڪڙو ان بيماري جي ور چڙهيل آهي. ۽ هن جو خطرناڪ حد تائين وڌڻ جو سبب اهو آهي ته هن بيماري کي لڪايو ٿو وڃي يا سڃاتو نٿو وڃي. ماڻهو ېڌائڻ ۾ شڪي ٿين ٿا. پر هن بيماري جو اڌ علاج سفر ۾ لڪيل آهي.

جيڪو ماڻهو حد کان وڌيڪ ڊپريز هجي مونجهاري جو شڪار هجي، انکي گهرجي ته سفر ڪري خدا جي قدرت جا نظارا ڏسي، جبل ۽ جهنگ جانچي، ساوڪ جي سرهاڻ سنگهي، نهرون ۽ انهن جون لهرون پسي،

درياء جون موجون ۽ پهاڙن جون چوٽيون ڏسي ته اهو ڪڏهن ﺑ وهمي نه ٿيندو.

مان هن ڪتاب ذريعي سڀني دوستن کي ميسيج ڏيڻ چاهيان ٿو ته خدارا. انسان جي وجود جو انسان تي حق آهي، پنهنجو پاڻ کي سڪون ڏيارڻ لاء سفر کي لازم بڻايو.

هن ڪتاب جي پهرين هڪ ېقسط شايد اوهانکي نه وڻي يا ڪا خاص معلومات نه ملي پر انترول سفرنامي جو انڪاپوء آهي مونکي پڪ ۽ يقين آهي ته گهمندڙن جي علم ۾ اضافو ٿيندو ۽ نه گهمندڙن کي سفر جو مسافر ڪندو ....

اگر ڪا ڪمي ڪوتاهي ڪتاب ۾ هجي ته ڪم علم سمجهي درگذر ڪندا ۽ پرسنل راء کان ضرور آگاهه ڪندا.

احسان علي سومرو ڪرمي
03473600011

# ميهڙ کان راول جي پنڌ ڏانهن

جولائي جهڙي سخت گرم ۽ سخت گرميءَ واري مهيني صفا گاري وانگر ڪري ڇڏيو هيو. اسان وٽ عمومن هن مهيني ۾ 50/55 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ٿيندو آهي. منهنجي مشاهدي موجب ته اسان واري پٽي جيڪا دادو کان لاڙڪاڻي جي وچي ٿي، سان پوري پاڪستان جي گرم ترين پٽي آهي. انجو وڏو سبب وٽن جي واڍي، وڻ نه پوکڻ، ساوڪ جو نه هجڻ پڻ آهي.

ان سخت ڏينهن ۾ هڪ رات دوست نعيم ڏيپر جي ڪال آئي، ادا مونکي S.Com جي سم هئي گهرجي، جيڪا اوهان ڪشمير مان ورتي هئي. مون وراڻيو ته حاضر ادا ڪشمير تياري آهي ڇا اوهانجي، چيائين ته اسانجي اڏام اسڪردو ڏانهن آهي، سم انڪري گهري جو شايد اتي اهو نيٽورڪ ڪم اچي وڃي.

پڇيو مانس ته اسڪردو جي آس ڪنهن ڪنهن رکي آهي چيائين ته جن سان گڏ 2016 ۾ گلگت جون گليون ۽ هنزا جي ويران حلويلين جا راز پتوڙيا هياسين.

چيومانس ته پنهنجي همسفر کي ان سفر ۾ هن دفعي ڇو وساريو، مسڪرائي چيائين ته اوهانجي شادي ڪانپوءِ جي مصروفيات مان واقف هياسين پر وري ۽ سم ته بهانو هيو، ان ٽوئر لاءِ آگاهه ڪرڻو هيو. پروگرام هڪ ٻن ڏينهن ۾ ٺهيو آهي سو بابر قريشي چيو ته احسان سان ضرور صلاح ڪجو.

مون چيومانس ته ڪڏهن تياري آهي

چيائين ته هن هفتي جي آخر ۾ معني جمع ڇنڇر تي.

مون چيو مانس ته ٺيڪ آ مان اوهان کي صبح جو ڪنفرم ڪندائيندس

دوست جي ڳالهه کي مون سنجيده ورتو، ڇو جو گلگت جون گليون ۽ اسڪردو جي ريگستان جا راز، ۽ هنزا جون ڪجه رهيل گمنام حويليون جيڪي گڏ ريل 2016 واري سال نه ڏسي سگهيو هيس، تن کي ڏسڻ جي تانگهه هئي، ۽ انکي ڏسڻ لاءِ هي دوست هڪ بهترين ذريعو هيا. ٻي سورت ۾ وڃڻ ناممڪن لڳي رهيو هيو. اهڙن ماڳن تي وڃڻ لاءِ جنونيت ڪم ايندي آهي ۽ هي دوست بلاشڪ جنوني هيا. جڏهن ڪنهن جاءِ کي ڏسڻ

لاءِ نڪرندا هئا تہ ان علائقي کي ماڻهو طوري پر ڪي پر ڪي پوءِ هئي هنڌ هلندا هيا. مطلب تہ ڪا جاءِ رهائيندا نہ هيا.

2 سال پهرين آئون انهن سان هسفر رهي چڪو آهيان. بهترين سوچ، ۽ صوفي طبيعت جا مالڪ هيا.

سڄي رات سوچن جي درياءَ ۾ غوطہ زن هيس ۽ مختلف خيالات جا انبار دل و دماغ ۾ جنم وٺي رهيا هيا. فيصلو ڪرڻ پيو چاهيان تہ سفر لاءِ وڃجي، يا ارادو ترڪ ڪجي، ڇو جو دنياوي مصروفيات ۽ مسائل جي گرد و غبار هيٺي سوچ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هيو. ۽ ڪجھ وقت ڪان ذهن پريشانين جي واچوڙي ۾ ڦاٿل هيو، جنهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪو رستو تلاش پيو ڪريان، ۽ هي سفر ان لاءِ بهترين موقعو فراهم ڪري رهيو هيو. نيٺ ان نتيجي تي پهتس تہ سفر جو ارادو بهتر آهي موتي اچي دنياداري کي منهن ڏبو،

اسڪردو جي آس وري يا نصيب.

ٻئي ڏينهن پنهنجي هم خيال دوست شفيق احمد جهتيال کي بہ پنهنجي فيصلي ڪان آگاهہ ڪيم، ان چيو تہ مان بہ توهان سان همسفر ٿيڻ چاهيان ٿو. مونکي ان ڳالهہ جي خوشي ٿي ڇوتہ سفر ۾ هم خيال دوستن جو هجڻ ضروري آهي ٻي سورت ۾ سفر ڏاڍو برو گذرندو آهي.

سفر جو پروگرام پڪو ٿي ويو دوست سان رابطو ڪيم تہ ادا هتان ڪيئن ۽ ڪنهن تي هلڻو آهي.

ان ٻڌايو تہ سنگت جو هن دفعي راولپنڊي تائين ڪوچ تي ڪُوچ ڪرڻ جو خيال آهي، مون چيومانس تہ اسان بہ اوهانجا هاٿي پاڳي پائيوار آهيون هر ڳالهہ ۾، ٽڪيٽ اسانجي بہ ان ئي گاڏي ۾ بڪ ڪرايو جنهن ۾ دوستن ڪرائي آهي.

ان لاءِ ڪائنات ٽريول ايجنسي سروس کي خدمت جو موقعو ڏنوسين. ٽڪيٽون هڪ دوست سڪر مان بڪ ڪرايون جيڪا في ٽڪيٽ 2500 سو روپيا بڪ ٿي.

ميهڙ مان 4 دوستن احسان سومرو، شفيق جهتيال، نعيم ڏيپر ۽ محسن ڏيپر جو قافلو ڇنڇر ڏينهن تياري ڪري سڪر ڏانهن روانو ٿيڻ لاءِ نڪتاسين. جنهن لاءِ هڪ ڪار جي خدمت حاصل ڪئي سين جنهن اسانجي ڪيسي کي خالي ڪرڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏي ۽ پورا 3500 سو روپيا وٺي سڪر باءِ پاس ٽرمينل تي لاهي نڪتي هلي وئي، جوڳي نہ ڪنهن جا مت.

ٻه دوست هوش محمد خاصخيلي ۽ ظفر ڪولاچي اڳ ئي موجود هيا جيڪي لاڙڪاڻي کان آيل هيا. ۽ ٻيا دوست ان ئي گاڏي ۾ اچي رهيا هئا جنهن گاڏي جو اسانکي به شدت سان انتظار هيو. پوري 5 وڳي شام جو گاڏي اچي ٽرمينل تي بيٺي، هي ڊائيوو ڪوچ هئي عام ڪوچن جهڙي، پر ٻين کان ڪجهه بهتر پئي لڳي، سامان رکرائي اچي هڪ سيٽ تي ويٺس، سيٽون به سٺيون پيون لڳن پر منهنجي سيٽ جو هيٺان پائيدان نه پيو کُلي جنهن سمهڻ جو مزوئي وڃائي ڇڏيو.

اي سي بهترين هيس ۽ پيو بوريت ختم ڪرڻ لاءِ ننڍڙي ايل سي ڊي به لڳل هيس جنهن سان هيڊ فون به نصب ٿيل هئي.

گاڏي اڳتي هلي اسين به سفر جي دعا پڙهي سڌا ٿي ويناسين ته هڪ نوجوان ڇوڪري جيڪا ڪنڊيڪٽر جو ڪم سرانجام ڏئي رهي هئي، ان اچي هڪ باڪس ڏنو،سائي رنگ جي باڪس ڪي جڏهن کوليم ته اندران، هڪ چيگم، هڪ ننڍڙو گرهه جيترو ڪيڪ، هڪ ڇٽا دال ۽ هڪ چپس مطلب ته 50 روپين جي شي وڌل هيس. اها به شابس اٿن پهريون پيرو پاڻ نئين شي ڏني. وات هلائڻ لاءِ ۽ سفر کي خوشگوار ڪرڻ لاءِ هي به سٺو ڪم هيو.

گاڏي جي اسپيڊ نارمل هئي شايد سنگل روڊ جي ڪري.

مون ايل ئي ڊي چالو ڪئي ته ان ۾ رڳو 20.25 انڊين مويز پيون هيون جن مان مون P.k پوري فلم ڏٺي جيڪا پهريان به 2 دفعا ڏٺل هئي.

رات جي ڪاري چادر نمودار ٿيڻ شروع ٿي، جنهن جي اثر سبب دري جي شيشن مان ٻاهر جي ڪا شي سواءِ روشني جي چمڪات کانسواءِ نظر نه آئي ۽ اندر به اهڙو ئي حال هيو صرف ڊم بلب ٻريل هيا. هر مسافر پنهنجي خيالن ۾ گم هيو، ڪي موبائيل۾ مصروف ته ڪي مون وانگر ايل سي ڊي جي بٽڻن ۾ مصروف.

گاڏي وارا هيا باقي پڪا مسلمان سچ لهڻ شرط ئي هڪ مسجد جي پرسان گاڏي بيهارين. جتي مسافرن لهي ٽنگون سهايون، جن ڪي نماز پڙهڻي هئي انهن مسجد جو رک ڪيو باقي ٻيا وچڻ وارن ڪي واجهائيندا رهيا. پنهنجي ڪوشش هوندي آ ته نماز جو وقت نه گسي پر ڪڏهن ڪڏهن سفر ۾ قضا ٿي ويندي آهي. 15 منٽن جي وقفي کان پوءِ گاڏي ٻيهر پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان ٿي ۽ ٻي بريڪ وڃي راجن پور علائقي ۾ هنيائين، ضلعي

جي ريگزار علائقي ۾ جتي ساه کڻڻ لاءِ هوا هئي باقي پيو ڪجھ بہ ڪون هيو، سواءِ هڪ هوٽل جي سوبہ 50 سال پراڻو، سومهڻي جو وقت ٿي چڪو هيو خدا کي ياد ڪرڻ وارن مسجد جو ۽ پيٽ پوڄا ڪرڻ وارن هوٽل جو رک ڪيو. مان پهرين لسٽ ۾ شامل هيس نماز کان فارغ ٿي جڏهن هوٽل تي آياسين تہ سڀئي دوست پنهنجي واتن کي نديڙين تيلين سان صفائي ڪري رهيا هئا. مون هڪ دوست کان پڇيو تہ اوهان ڪهڙو طعام گهرايو آهي، ان چيو تہ هينئر تازي قيمي جي ئي پاڇي اٿس پوءِ الله ٿو ڄاڻي تہ ڇا جو قيمو آهي، اسين بہ مجبورن اهائي پليٽ گهرائي کاڌي آهي. مون بہ هڪ پليٽ جو آرڊر ڏنو مانس دل ۾ سوچيان پيو تہ بنا ڏٺي شي سڀ حلال آهي الله ڪندو اصلي گوشت هوندو ۽ حلال هوندو.

جڏهن بہ چار گرهہ پرياسين تہ هڪ دوست کلي چيو اسان تہ ماني کاڌي ئي ڪونہ هئي ڇو جو پڪ هئي تہ هتي حلال گوشت نہ ملندو ان ڪري چانهہ سان بسڪٽ کائي ڇڏياسين.

خدا ڄاڻي ڇا جو قيمو هيو، هن جي ڳاله ڀڏي وهم بہ وارئي ويو، پر چوندا آهن تہ بنا ڏٺي شي سڀ حلال آهي، سو پاڻ کي دلاسا ڏيندي ڏيندي ۽ ڪرسي تي اوسا پاسا ورائي ڦيرائي رات گذاري.

صبح جو پنجاب جي سهڻي شهر ميانوالي ۾ تڏهن اک کلي جڏهن فجر نماز لاءِ ڊرائيور گاڏي کي هڪ پيٽرول پمپ تي ٺهيل خوبصورت مسجد جي پرسان بيهاريو، ان وقت برسات پوڻ سبب سڄو علائقو ڇنڊيو ۽ خوبصورت لڳو پيو هيو، ڪجھ ميل اڳتي هلي هڪ هوٽل تي صبح جي ناشتي لاءِ گاڏي کي بيهاريو ويو، هوٽل وارن کي ننڊ مان بيدار ٿي اچي اسان کيو نہ تہ ڪاٽي پيا اٿن.

سهني ڀرپور نموني ناشتو ڪيو ۽ فريش ٿي نوان تازا ٿيا .

اسان جي گاڏي ۾ 2 کان 3 ڊرائيور هيا جيڪي واري واري سان پيا گاڏي هلائين، هتان ڊرائيورن جي متاستا ٿي جنهن ڪمان سنڀاليندي ئي گاڏي کي جهاز وانگر اڏاريو.

پنجاب جي شهرن کي ڏسي ڏاڍو دلي صدمو رسيو تہ هن صوبي جا نندا نندا شهر بہ ڪيڏا حسين و جميل ۽ خوبصورت آهن ۽ اسانجي صوبي سنڌ

جي روڊن جو حال ڪيڏو نہ بچڙو آهي، الله پاڪ هدايت ڏي سنڌ جي حڪمرانن کي جن سنڌ جهڙي عظيم ڌرتي کي بنجر بڻائي ڇڏيو آهي.

18 ڪلاڪن جي لڳاتار سفر ڪان پوءِ وڃي راولپنڊي گاڏي پهتي جيڪا اسانجي منزل هئي، سامان سارڻ ڪري 2 ٽئڪسيون ڪرايون ۽ لاري اڏي مقام تي پهچي هوٽل جي ڳولها ڪري بہ ٽي ڪمرا ورتا.جتي سامان رکي ۽ فريش ٿي پيٽ پوڄا لاءِ سهڻي هوٽل جو رخ ڪيو، مان ۽ شفيق ٽئڪسي ڪرائي سڌو وڃي پنهنجي پرين پياري دوست مير خان تيوٽو وٽ پهتاسين جيڪو پڙهائي جي سلسلي ۾ اتي رهيل هيو. ان سان گڏجي هڪ پنڌ جي هوٽل تي مانجهاندو ڪيو.

روايت موجب چانهہ پيئڻي هئي سو مير چيو سامهون ئي هڪ هوٽل تي ٽانڊن واري تندوري چانهہ ٿا پيئون. سوڙهين گلين جي اندر هلندي وڃي هڪ ڪيفي تي پهتاسين جتي بيرو 3 پراٽن مٽي جي ٺهيل گلاسن ۾ چانه اڳيان ڪري رکيائين، مزو ڪو خاص نہ هيس، ڪنهن شي تجربو هجي نہ هجي پر چانهہ ۾ PHDٿيل آهي پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ جي چانه فقير پيتي آهي.

مير خان جي رهائش گاهہ تي ڪجهہ دير آرام ڪيو.

ٽيپهري جي نماز پڙهي، شهر اقتدار جو قد ڪڇڻ لاءِ موٽرسائيڪل تي ٽئين ڄڻا نڪتاسين، حقيقت ۾ بائيڪ تي ٽي ڄڻا اسلام آباد ۾ منع آهن. پر دوست بہ اتان جو رهاڪو ٿي ويو هيو سو ڪجه ٽياڪڙي هوءِ جاٽي پيو، شفيق چيو تہ مونکي ڪجهہ خريداري ڪرڻي آهي تنهن لاءِ سڌو غريبن واري آباپارا مارڪيٽ پهتاسين، جتي سنڌي بازار آچر تي سجو ڏينهن لڳل هوندي آهي.

يار بوٽ ورتو تہ ريس ڏياري ڇڏيائين مان ڪٽي تہ آيو هيس پر پراڻو هيو، پر روح سڻ ڪاڏي نيڻ ورتم، اتان ڪجه ٻي شاپنگ جهڙوڪ چشمو، پينٽ، شرٽ، ساڪس، وغير ڪئي سين. رستي ۾ وات کي بہ هلائيندي جيڪا وٽندڙ شي نظر پي آئي سا ڪائون پيا، ڇو جو پيٽ جي پوڄا بہ لازمي آهي سفر حَضر ۾، پر مقدار نارمل هجي ۽ شرط تہ صحت بخش غزا هجي، پر اسين ان وقت پهرين اصول تي باقائدا پابند رهياسين.

شاپنگ مان فارغ ٿي شهر اقتدار جو معائنو ڪرڻ لاءِ فتفتي تي ٽئين ڄڻا ائين ويناسين ڄڻ ڪو گهوڙو هجي، ليول ۾ ٺهيل سڏا سر سبز جاين تي ٺهيل

روڊ جن تي گھمندي ڦرندي جڏھن سيوَر فوڊ تي نظر پئي تہ پراڻو وقت ياد اچي ويو. مير کي چيم ڊنر اتي ڪنداسين، مير ۽ دير ئي نہ ڪئي سڌو بريڪ ئي اتي لڳايائين،

اندر جو ويئون تہ هڪ پئي کي پيا ڏسون، اتي نہ ٻيهڻ جي جاء نہ ويهڻ جي جاء، نيٺ ٿورو انتظار ڪيوسين. ٽئين دوست هڪ هڪ ڪنڊ کان اڻين بيٺاسين جڻ جئين ڪو گارڊ ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هجي، ماڻهن جي ڪاڻ ڪي ڏسي وات ڦاٽي سان ٽپ ٽي پيو وڃي ، نيٺ وڃي ڪي ڪرسيون خالي ٿيون تہ اسان ۽ باز وانگر وڃي جهٽيوسين.

هتي رش جو سبب اهو آهي تہ هي نسبتً ٻين هوٽلن کان سستو ۽ بهترين هوٽل آهي صرف 250 روپين ۾ توهانکي پليٽ برياني پلس 2 شاميون پلس هڪ تکو ملندو سلاد رائتو فري هوندو آهي.

جيسيتائين آرڊر اچي تيستائين ٻلن وانگر نظرن کي پيا گول ڦيرايون، ۽ جڏھن پنهنجو طعام آيو تہ ڪير ڪائي نہ پيو سگهي. هول ڪري فل گهرايوسين پر اڌ ۽ ڪونہ کائي سگهياسين.

وڏي دونس تہ اها ٿي جو سراسر هڪ تکو پلس ۽ شاميون بچي پيون، جيڪي مجبورن اتي ڇڏي آياسين، 850 روپيہ بل ڏئي اتان ٻاهر نڪتاسين ۽ سيور جي پرسان 4.5 سيلفيون ڪڍرايون تہ جيئن يادگار موجود هجي.

برسات سبب سڄو علائقو هلڪي ٻونداباندي جي لپيٽ ۾ اچي چڪو هيو ۽ اسانجي گاڏي بہ خير سان صفا آلي ٿي چڪي هئي تکڙ ڪري جلدي اتان نڪتاسين، تہ مهل سان وڃي پنهنجي پناھ گاھ پهچئون، شهر اقتدار جون رونقون ڏسندي وڃي پنڊي جي ان مقام تي پهتاسين جتي پوري ملڪ ڏانهن اينڊڙ ويندڙ گاڏين جا اسٽاپ آهن ۽ اسانجي رهائش گاھ بہ اتي ئي هئي.

مير خان جي سپاٽي ٽيسٽ هئي سو ان سان موڪلايو نہ تہ ڪاٽي ڇڏيئون پرديس ۾ پرين کي، اسين ۽ وڃي بستري جي حوالي ٿياسين ۽ سفر جي پهرين ڏينهن جو اختتام ٿيو.

# ناران ڏانهن سفر

سج جا نڪرندڙ شعا دري جي شيشي مان نڪري اچي اسانکي بي آرام ڪري رهيا هيا ۽ اهو پيغام ڏئي رهيا هيا تہ مسافر جي ننڊ ٿوري هوندي آهي، انڪري ننڊ مان بيدار ٿي منزل ڏانهن روانا ٿيو.

راولپنڊي جي صبح جو موسم ڪجھ بهتر هئي ايتري گرمي نہ هئي جيتري اسان وٽ هوندي آهي، هتان جي موسم ماحول جي اثر سان بهتر آهي گهٽي وڻ ڪاري، رڳو شهر جي آبادي کي ڇڏي ٻيو سڄو علائقو سر سبز آهي.

ننڊ مان بيدار ٿي هر ڪو تياري ڪرڻ لڳو، ڪي ٿيلها ٺاهڻ جي پوريان تہ ڪي وهجڻ جي پوريان ڪن جي هٿ ۾ سينٽ تہ ڪي پائڻ پيا پينٽ.

اسان جا ٻہ دوست بابر قريشي ۽ فرحاد شاھ جيڪي قافلي جا سرواڻ هيا، صبح صادق ئي تيار ٿي ڪري گاڏي (ڊوم) بوڪ ڪرائڻ ويا.

(گاڏي بڪنگ ان سفر ۾ لازمي آهي، ڇو جو ماڻهو قيمتي ۽ ڳري سامان ساڻ هوندو آهي انجي حفاظت لازمي هوندي آهي)

ان سلسي ۾ دوست هڪ ڊوم وين ڪرائي آيا، جيڪا 6000 روپيہ في ڏينهن جي حساب سان پئي پر پيٽرول جو خرچ مهمان پاڻ ڀريندو.

5000 روپيہ گاڏي واري جي ڏهاڙي ۽ 1000 روپيہ ايجنسي واري جي ڏهاڙي، جنهن کان گاڏي بوڪ ڪرائي وئي. (ايجنسي واري کان بوڪ ڪرائڻ جو اهو فائدو هوندو آهي جو ڊرائيور توهان سان ڌوکو نہ ڪندو ڪا گهٽ وڌ ڳاله ٿي تہ ايجنسي وارو ذمدار هوندو).

11 ڏيڻن جو گروپ اسڪردو لاءِ تيار هيو،

جنهن ۾ ٻہ دوست بابر قرشي، سيد فرحاد حيدرآباد کان،

هڪ اجمل سولنگي ٺاروشاھ کان،

چار دوست نعيم ڏيپر، محسن ڏيپر شفيق جهتيال ۽ مان ميهڙ کان،

ٻہ دوست اسرار پنهور ۽ شايان پنهور دادو کان،

ٻہ دوست هوش محمد خاصخيلي، ظفر ڪولاچي لاڙڪاڻي کان،

باقي 3 شيخ دوست هيا گڏ پر اسلام آباد ۾ انڪري ڊار ٿي ويا جو دوستن کي خبر پئي تہ اسڪردو جو رستو تمام خراب ۽ زبون حالي جو شڪار آهي،

دوست ڏجي ويا، ۽ انڪار ڪيائون تہ بس اوهان وڃو، اسين ڪشمير طرف پيا وڃئون.

آخري سيلفي انهن دوستن سان گروپ ۾ ڪيڏي ۽ سفر جي دعا پڙهي گاڏي ۾ ويٺاسين ۽ راهي ٿياسين منزل ڏانهن.

9 بج شهر اقتدار کان موڪلائي، هزاره موٽروي کي ساڻ ڪري اڳتي وڌياسين، موٽر وي کي ڏسي دل ۾ خيال آيو، جيڪر اهڙا چار سنڌ جي شهرن ۾ ; وڇايل هجن، پر اهي عملي جاما پارائڻ وارا ويا مور مري. رستو جبلن ۽ جهنگلن کي ڪٽي ڪري سهڻو بنايو ويو آهي. ڪنهن بہ شهر جو اندريون رستو ڪراس نہ ڪيوسين، ڇو جو هر شهر جي ٻاهران موٽروي گذري پيو البتہ هر شهر کي باءِ پاس ڏني وئي آهي.

ڪجھ دوستن تہ صبح جو ناشتو بہ نہ ڪيو هيو ۽ مان بہ انهن مان هڪ هيس، اصلي بک صفا پاھ ڪري ڇڏيو سهڻي ڪي، سڀ راتوڪي ڪاڏي تي هياسين، ۽ موٽر وي جي ڊگهي سفر بہ صفا بيزار ڪري ڇڏيو، اصلي ڪٽڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. ڊرائيور چيو تہ بس ايبٽ آباد سامهون آهي ناشتو اتي ڪجو.

نيٺ ڇتي جان موٽروي مان ۽ ايبٽ آباد جي سرزمين سامهون اچي پهتي جتي روڊ سان لڳ و لڳ هڪ هوٽل تي پيٽ جي پوڄا لاءِ پير ڪوڙيا.

ناشتي لاءِ سفر ۾ بهترين غذا پراٺا، انڊا، ڇولا ۽ ديسي چانھ بهتر آهي ساڳو آرڊر ڪيوسين

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سڀئي طعام اچي ٽيبل تي پيا بسم الله ڪري ڪڙڪي پياسين ۽ الحمد الله ڪابہ شي بچي نہ سگهي سڀئي ڳڙڪائي وياسين.

ڪجھ دير تازا دم ٿي پوءِ اڳتي هلڻ لاءِ گاڏي ۾ سوار ٿياسين، رستي ۾ مشڪري مذاق هلندي پئي هلي، فرحاد، اجمل، هوش محمد 3 دوست مشڪرا ساڻ هيا جيڪي هڪ ٻئي کي چرچا مزاق ڪندي پنهنجي ۽ ٻين جي دل بهلائين پيا ۽ سفر کي سوڙهو ڪن پيا، هڪ ٻہ دوست شوم طبيعت جا بہ ساڻ هيا.

ايبٽ آباد کان اڳتي روڊ ڪنهن خيالي جنت کان گهٽ نہ هيو پري پري تائين رڳو ساوڪ جي سرهاڻ هوئا ۽ وڻڪار نظر پئي اچي.

هڪ حديث منهنجي نظرن مان گذري جنهن جي تشريح هئي تہ ، حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ مونکي ٽي شيون پسند آهن،

هڪ پاڻي، ٻيون ساوڪ، ٽيون پهاڙ.

سبحان الله،

هي ٽئين شيون منهنجون بہ پسنديده آهن.

مانسهرا شهر بہ تمام خوبصورت هيو، اسان شهر جي باء پاس ساڻ گذريا سين وقت ڪي بچائيندي، پر ماشاءالله تمام خوبصورت پئي لڳو، ۽ جڏهن مانسهرا ڪراس ڪري ڪاگان ويلي ۾ داخل ٿياسين تہ

سبحان الله....

قدرت جا حسين منظر اکين اڳيان هيا، چارون طرف وڏا وڏا پهاڙ جن تي چڙهيل سائي چادر ۽ انهن تي سجايل وڻ پري کان ائين پيو لڳي جو ڄڻ ڪنهن چتسالي ڪئي هجي.

اڳتي هلي هڪ جاء تي جيڪو ڪِوائي آبشار سان مشهورهيو، اتي چانهہ جو چسڪو چکڻ لاء ڪجھہ وقت ترسياسين.

هڪ وهندڙ آبشار جنهن جو وهڪرو گهڻو تيز هيو ۽ هيٺ لهي ميدان ۾ ڦهلجي پيو وڃي. جنهن جي پاڻي ۾ رکيل چار پايون ۽ ڪرسيون خوبصورت منظر پيش ڪري رهيون هيون ۽ سهني ڪي پاڻ ڏي مائل ڪري رهيون هيون.

دوستن لهڻ سان ئي موبائيل جي ڪيمرا ڪي آن ڪيو، هن فقير بہ دير نہ ڪئي، آبشار سان گڏ پنهنجن خوبصورت لمحن کي ڪيمرا ۾ قيد ڪيو ۽ قدرت جي حسين نظارن کي پنهنجي اکين سان پنهنجي يادا شت واري خاني ۾ بہ هميشہ لاء سيو ڪري ڇڏيو.

وادي ڪاغان جي پهاڙن جي چوٽي تان پنهنجي آب و تاب ۽ تيزي سان لهندڙ، ۽ قدرتي حسن سان مالا مال هن ڪِوائي آبشار جي بيهڪ کي حال حاضر ڪري سوچ جي درياء ۾ ٽٻي هيم تہ ڪريم رب جي ڪيڏي نہ ڪاريگري آهي ڪيئن جبلن جي وچان ۽ اندران پاڻي جا وهڪرا پيا نڪرن ۽ پاڻي پيئڻ ۾ ڪيڏي نہ لذت اٿس ڪيڏو نہ فرحت بخش مزو ۽ ٿڌو پاڻي آهي. هڪڙي ڪتاب ۾ مون پڙهيو هيو تہ جبل پهاڙ الله پاڪ جي خوف ۾ روئندا آهن ان روئڻ سبب اهي چشما نڪرندا آهن ؤالله تعالي اعلم. پيو تہ برف ڳرڻ سان بہ آبشار وجود ۾ ايندا آهن.

آبشار جي حسن مان ۽ جهڙالي موسم مان لطف اندوز ٿيندي جڏهن سامهون نظر پئي تہ سڄو گروپ ميڙاڪو ڪري هڪ هوٽل تي ويٺا آهن جن جي اڳيان گرم گرم پڪوڙا ۽ چپس پئي آهي بس پوءِ تہ ٻلانگهون ئي ٻہ پريون انهن تائين، زڪوٽا جن وانگر، انڪري جو مٿان تڪڙا نہ ڪائي وڃن. هڪ لڱل ليس پيو وري مٿان لاٿتا ۽ سڙيل گيهہ مان تيار ٿيل ڇهرا گرم پڪوڙا ۽ چپس وري مٿان جو لڳس پائوڊر واري چانهہ (خدا ڄاڻي کهڙو پائوڊر استعمال ٿا ڪن) بظاهر تہ ٿڌ جي اثر ۽ موسم جي لحاظ کان بهتر هيا ۽ لذت ۾ ملي. پر اڳتي هلي طبيعت کي چاق ڪري ڇڏيائين، هوئڻ ۾ سنڌي ماڻهو ڀهريان ڪم ڪري پوءِ پڇتائيندو آهي. سو اسان سان ۾ اهو ئي ڪم ٿيو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ اتان روانا ٿياسين.

سج پنهنجي تاءَ ۽ روشني کي جهڪو ڪندو جبلن جي چوٽين ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو ۽ شام جي تيز ٿڌي هوا جا جهونڪا شيشي جي ذري مان گاڏي جي اندر داخل ٿي رهيا هيا جنهن کي محسوس ڪرڻ سان ئي جسم ۾ جنبش محسوس ٿي رهي هئي، ائين پيو لڳي جڻ ڊسمبر جو مهينو هجي.

اسان سان گڏ ڪڪرن جو هجوم ائين پيو گڏ هلي جيئن ڪو ماڻهو ڇتي ڪٽي هلي.

ڪڪرن ٻہ دير ڪانہ ڪئي برسات جي ڦوندا ٻاندي مٿان شروع ٿي وئي جنهن کي اسان ڪڪرن مان نڪرندي ۽ هيٺ لهندي ڏسي رهيا هياسين، ڪجهہ وقت هلي وري ختم ٿي وئي.

ڊرائيور ڌيمي رفتار سان گاڏي هلائي رهيو هو، انڪري جو اڳيان رستو سوڙهو ۽ لينڊ سلائيڊنگ جو خطرو هيو.

رات جي چادر مٿان چڙهي تہ اڳيان روڊ ڪانسواءِ ۽ ٻهاڙن تي ٻتين ڪان سواءِ ڪا شي نظر نہ پئي آئي، ٻاهر جي دنيا اها هئي ۽ گاڏي اندر هڪ پيو جهان لڳو پيو هيو. ان دنيا اندر مشڪري مذاق، ٻتاڪون، گانا گوڙ، جام هيا، ڪن جي ڪنن ۾ هيڊ فون، ۽ ڪن جي منهن ۾ چيگم جو چُرڪو، ڪي پنهنجن موبائلن ۾ اهڙا فاٿل هيا جو سواءِ شتبداؤن جي ٻي ڪا واهہ نہ هين نڪرڻ جي. ان ڪشمڪش ۾ اڳيان هڪ وسيع ميدان نظر آيو پئي جتي روشنين جو هڪ وڏو هجوم ڪٺي ٿيل نظر آيو، مون ڊرائيور کان پڇيو تہ اهو

شفيق کي هڪ ليڊيز ڪشميري وڳو ڏاڍو وڻيو، لاهي جڏهن ريٽ پڇيومانس تہ دماغ چڪرائجي ويو، 5000 روپيہ هڪ وڳي جي قيمت، آخر اسان بہ سنڌي سو بہ ڳوٺاڻا، روپئي تي ساهہ ڏيڻ وارا، نيٽ هٽنديءَ مارينديءَ ان ئي پيسن ۾ بہ ڊريسون ڪنيوسين.

انڪري جو مونکي بہ ڏاڍي وڻي پئي، سوچيم تہ گهر واري لاءِ اهو تحفو بهتر رهندو.

ٻئي دڪان تي ٽوپين جو مرڪز هيو جتي هڪ پٺاڻن واري ٽوپي پائي ڏٺي جڏهن جو دڪان واري قيمت ٻڌائي تہ لاهي ڇنڊي ڦوڪيءَ ساڳي جاءِ تي ائين رکي ڏيڻ پاتي ئي ڪونہ هئي، دڪاندار کي چيم بابا مان ٽوپي پائيندو ئي ناهيان، بس فوٽو ڪيرائڻو هيو.

بازار جون رنگينيون ۽ رستي جون لاهيون چاڙهيون لهنديءَ، ماڊرن دور جي ملبوسات ۾ ويڙهيل نارين جي لوڏ،

۽ جديد چمڪڻ سان ڪيڏندڙ ٻار،

سائيڊن کان لنگهندڙ شرعي ۽ غير شرعي جوڙا،

ڪاري رات جي پيٽ ۾ ٽٽ تي ويٺل نوجوان ۽ پوڙها، جيڪي پنهنجي اهل و عيال جي گذر سفر لاءِ طرحين طرحين جا سامان فروخت ڪرڻ لاءِ بي يارو مددگار اُپ ڏاريندڙ سيءَ ۾ ويٺا هيا،

ان سان گڏوگڏ جنريٽرن جي آوازن جي آزار،

ٽين تي ٻاڻپا جا ساز،

ٻئي طرف گانن جي گجگوڙ،

ڪجهہ فاصلي تي وهندڙ درياءَ ڪنهار جي وهڪري جا آواز،

جيڪي واقعي رات جي وڳڙي ۾ ڊيچاريندڙ هيا،

انهن سڀني کي ڏسنديءَ، پرکينديءَ، سوچينديءَ وڃي هڪ هوٽل جي اندر مجبورن گهڙياسين، ڇو جو ٻاهران بورڊ تي لکيل ئي ڪجهہ اهڙو هيو جنهن اسانکي اڳتي وڌڻ نہ ڏنو

ان تي لکيل هيو تہ (یہاں پر تندوری چاۓ بنائی جاتی ہے)، روح ڏاڍي سٽ کاڌي، شفيق کي چيم بابا پنهنجي پناهہ گاهہ پوءِ هلنداسين جيسيتائين تندوري چانهہ نہ پيئنداسين. (ڇو جو ڪارو جادو ڪرائي ڏنوسين پر چانهہ اسانکان پري نہ ٿي).

اندر وچي هوٽل جي هڪ ڪنڊ وسائي ويٺاسين، بيرو به پڇندو آيو (سر آپ کیاکیالیناپسند کریں گے) مون چيو بابا پيٽ فل آهي اسان کي صرف تندوري چانهه پيار، اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ اچي ۾ متي مان ٿهيل ۾ ننڍڙا گلاس اڳيان اچي رکيائين، ان سان گڏ ۾ باريڪ ڪنڊ جون ٽيلهيون ۾ ڏنائين، چيائين سر انجواءِ ڪرين تندوري چائي ڪو، اسان ۾ ڪنڊ مڪس ڪري ڪڙڪائي وياسين. چانه ۾ ڪو خاص مزو نه هيو، بلڪ انڪان ڀلي چانهه ته ميهڙ جي هوٽلن جي آهي.

رات جون رولاڪيون پوريون ڪري، شاپنگ جون بيگس هٿن ۾ کڻي ننڍين وڏين گلين مان گذرندي، وچي پنهنجي رهائش گاهه تي پهتاسين، جتي وچڻ شرط بستري جي حوالي ٿياسين ۽ ننڊ پنهنجي آغوش ۾ ورتو.

# اسڪردو جي آس

جڏهن سج پنهنجي وجود کي پهاڙن کان مٿي ڪڍي نروار ٿي بيٺو، تہ انجا تيز ۽ بي اثر ڪرڻا دري جي شيشي مان ڪمري کي روشن ڪرڻ لاءِ اندر پهتا. روشني جي تاءَ ۾ اکين جي پردن ۾ هلچل پيدا ٿي ۽ بيداري وارو ماحول بڻجي ويو. اهڙي ٿڌ ۾ ڪمبل کي پاڻ کان پري ڪرڻ ڪنهن بہ شرط منظور نہ هيو، پر ان جستجو اٿاري بيهاريو، تہ ماٺهو منزل تي پهچڻ تائين مسافر هوندا آهن ۽ مسافر منزل تي پهچڻ ۾ دير ناهي ڪندو.

پنهنجي منتخب منزل اجا بہ آهي ۽ هيئنر رستي ۾ آهيون.

پيو وقت جي قلت بہ ڪافي آهي. انڪري جاڳڻ سان ئي ڪلندا پاڳ آهن. بستر تان اٿي واش روم جي اندر سنان ڪرڻ لاءِ داخل ٿيس، پر همت هاري ويئس ظالم زور ٿڌي پاڻي وهنجڻ نہ ڏنو پوءِ تہ مڙئي منهڻو ڌوئڻو پيو سو بہ بنا صابڻ جي پاهر نڪري ڪريم پونڊر مکي نوان ڪپڙا جيڪي سوٽ ۽ بشيٽ جي شڪل ۾ هيا سي پائي تيار ٿي ڪمري کان موڪلايو. سامان ساڻ ڪڻي مين روڊ تي نڪري آياسين جتي اسانجو ڊرائيور اڳ ۾ ئي تيار بيٺو هيو وين سان.

هر ڪنهن پنهنجي جاءِ سنڀالي،
۽ شهر ناران کان روانا ٿياسين.

ناران جي صبح جو وقت تمام دلڪش ۽ وڻندڙ هيو، هر پاسي وڏا وڏا اونچا پهاڙ جن تي ساوڪ سان پريل پوٽ ۽ ڪن جي مٿان لڳل برف جا موتي شهر جي وچان وهندڙ درياءَ ڪنهار،
جنهن جي پاسي کان لڳل بازار،
بڻائي ڇڏيو منظر کي جنهن سازگار.

هاڻي تہ اتي وڏا وڏا پروجيڪٽس، بهترين هوٽلز ۽ ريسٽورنٽس ٺهي ويا آهن، جن ۾ هڪ رات جا 20 کان 25 هزار بہ وٺن پيا.

بس افسوس ان ڳالہ جو هيو جيڪو اڏوهي وانگر هن قدرتي جنت نما وادي جي حسن کي کائيندو پيو وڃي سا هئي گندگي.

جيڪا پاڻ کي صاف شفاف سڏائيندڙ مخلوق جي هٿان ٿي رهي هئي، ماڻهن کي ان شي جو احساس ئي نہ هيو.

شهرِ ناران کي ڇڏڻ تي دل نہ پئي چاهيو، پر مجبوري هئي جو منتخب منزل جو رخ اڃا پئي پاسي هئي

حقيقت اها آهي تہ مون ناران جي نخري کي اڃا صحيح نموني پر کيو ئي ناهي،

اهي لالازار جا لاها چاڙها،

پرين جو پار ۽ پاڪستان جي حسين ترين سيف الملوڪ ڍنڍ جا جلوا.

سري جا ساز ۽ پاء ميڊوز جا پاٽي جن جون چوٽيون، انهن سڀني جي حسرت اڃا باقي آهي.

بک تي سفر جو مزو ڪيڏانهن ملي، سو ناشتي جي نيت ڪري باٽا ڪنڊي جي مقام تي بريڪ هڻني. جتي پيٽ پوجا لاء هڪ هوٽل تي اچي ويناسين. نيت ناشتي جي هئي پر اسين سفر ۾ ناشتو ۽ لنچ گڏ ڪندا هلياسين. قبلا دلبر سائين بہ اڪثر پنهنجن سفر نامن ۾ لکندو آهي تہ توهان سفر ۾ هجو تہ هلڪي غذا ۽ گهٽ مقدار کائو، اسان بہ ان عمل تي رهياسين. جيسيتائين ماني تيار ٿي اچي، تيسيتائين باٽاڪنڊي جي بارعب ميداني حسن کي پنهنجي اک سان پئي پر کيوء ۽ ڪيمرا جي اک سان قيد ڪيو.

ناشتو ڪري ۽ اڳتي جي لاء روانا ٿياسين، پوري ڪاگان ويلي جيڪا مانسهره کان وٺي بابوسر ٽاپ تائين اچي پئي هڪ ٽوئرسٽ ايريا آهي جتي ڪئي هوٽلز ۽ ريسٽورنٽس آهن هاڻي تہ بابوسر ٽاپ تي بہ لگزري هوٽلس ٺهي ويا آهن پر مهانگائي وڌي آهي. هڪ چانہ جو ڪوپ سو ۽ بنا سواد جي 50 کان 70 روپيہ ڪوپ بل ڪُل ڊسڪائونٽ ناهي.

اسانجو ان ڳالهہ ۾ ڪجهہ بچاءُ هيو جو پاڻ ۾ گروپ هيو ڪنهن بہ جاء تي اگر 3000 بل پيو اچي تہ 300 روپيہ في ماڻهو تي پيا پون. باقي جي هجن ٻہ ڄڻا تہ پوء هزار بہ ٿورو آهي.

بابوسر ٽاپ ڏانهن ويندڙ رستو منهنجي خيال مطابق تہ پاڪستان جو خوبصورت ترين رستو آهي. هن رستي کي وڏا وڏا پهاڙ پنهنجي دامن ۾ ڪيڏي مهل هيٺ تہ ڪيڏي مهل مٿي کڻي پيا هلن، پاسن کان برفاني ڇپون بہ ڪوٽ نما ديوار جو ڪم ڏئي رهيون هيون ۽ ڇپن سان گڏ لڳل قطارن ۾ ننڍڙا وڻ جڻ باڊي گارڊ جو ڪم ڪري رهيا هجن.

ڪٽي ڪٽي پاڻي جي چشمن جو پاڻي روڊ سان لڳ پنهنجو رستو ٺاهي هڪ لڪير جيئان گذري رهيو هيو.

رستي ۾ ڪافي ننڍيون ننڍيون ڊنڊيون ۽ آبشارن جا هجوم به نظر آيا جن کي پنهنجي 576 ميگاپڪسل واري اک سان ڏسندي ۽ موبائيل جي 16 ميگاپڪسل واري اک سان فوٽو ڪيندي ۽ چوٽين تي چڙهندي وڃي بابوسر ٽاپ جي حد ۾ داخل ٿياسين. رستي ۾ روڊ تي ڪريل برف جي ڇپ سيني گاڏين کي قطار ۾ بيهڻ تي ۽ آهستي آهستي گذرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. هڪ ڪلوميٽر جي قطار ۾ بيٺل گاڏين جو منظر ائين پيو لڳي جيئن ڪو چيف منسٽر جو ڪافلو ميهڙ پهتو هجي.

بابوسر ٽاپ جي سارا هه ڪهڙي ڪجي هتان جو لازوال حسن فطرت ٺي پنهنجو آهي. برف اجا تائين پنهنجي آب و تاب سان پهاڙن کي گهيري ۾ رکيون ويٺي هئي. جولاءِ جهڙي جذباتي مهيني ۾ به اثر نه پيو پوي.

ڪي پي ڪي ۽ گلگت بلتستان جي ملندڙ حد ۽ 16600 فٽ بلندي تي واقع بابوسر ٽاپ جا جنهن پکوڙا ۽ گرم انڊا نه کاڌا جڻ ويو ئي نه اتي، بلاشڪ صحت لاءِ هاڃيڪار هئا پر ٿڌ گهٽائڻ لاءِ مجرب دوا مثل هيا.

پر جي متان لڳيس ڦتل پائوڊر جي چانهه، پوءِ ته پيڙا ئي پار. بابو سرٽاپ جي حسن جا گڏ موبائيل جي ميموري کي به فل ڪيوسين فوٽن سان.

ڪجهه وقت موسم جو مزو ورتوسين پوءِ الله طوهار ڪئي سين اڳتي وڌڻ لاءِ.

عجيب ڳالهه جو بابوسر ٽاپ کان جڏهن هيٺ لهي ٿورو اڳتي هلياسين ته موسم مختلف، ماڻهو مختلف، جبل پهاڙ مختلف درياءَ جو پاڻي مختلف، واهه مالڪ تنهنجي ڪاريگري جا رنگ، ڪوهستان جو علائقو ڪراس ڪري ٿورو اڳتي جڏهن چلاس جي حد ۾ پهتاسين ته اسانکي گرم ڪپڙا به مجبورن لاهڻا پيا. هي علائقو ايڏو ته گرم آهي جو منهنجي خيال مطابق اسانجا علائقا به ڪجهه ٿڌا هوندا، گاڏي جي ايسي اسٽارٽ ڪري سفر کي اڳتي وڌايوسين.

# استور ڏانهن اڏام

وقت جو مقدار تيزيءَ سان گهٽجي رهيو هيو، سنسان روڊ تي ٻه چار گاڏين کان علاوه سج جي هاريڪ ڪرڻن جا آخري پساهه سو به پورا ٿيندي ڏسي رهيا هياسين ۽ اسين اچا ڪراڪرم هاءِ وي جي ڪَرم تي هياسين پيو منزلِ مقصود ڪافي ڏور هيو ۽ انجو رستو رات جي وقت استعمال جوڳو نه هيو دوستن جي دير جي ڪري ڪافي وقت گذري چڪو هيو.

ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گاڏي اندر اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت سيد فرحاد ڪئي جتي سڀني پنهنجي راءِ اڳيان رکي نيٺ ان نتيجي تي پهتاسين ته پهرين استور وادي جو رک ڪنداسين ۽ اتان کان پوءِ اسڪردو ڏانهن اڏام ڀريندا سين...

لڳ ڀڳ 100 ڪلو ميٽر ڪراڪرم هاءِ وي کان دور استور وادي ڏي ويڃڻ وارو رستو جيڪو درياءَ جي وچان پل تان گذري پيو سو به سامهون اچي پهتو هيو گاڏي کي بسم الله ڪري اوڏانهن ڦير ايوسين.

سج ٻڏي چڪو هيو ۽ اسانجي گاڏي هڪ ڪچي پڪي ۽ هڪ ننڍڙي رستي تي پئي هلي جنهن تان صرف هڪ گاڏي جو گذر ٿي سگهي، جيڪو جبلن جي اوٽ سان لڳ هلندو پيو هلي، رستي جي ٻئي طرف خوفناڪ ۽ خطرناڪ 100 ميٽر کاهي جنهن ۾ هڪ وهندڙ درياءَ جيڪو پهاڙي ندين ۽ آبشارن کي پنهنجي آغوش ۾ ڪٽيندو ۽ گجگوڙ ڪندو هلندو پيو وڃي، اگر ٻه گاڏيون آمهون سامهون اچي وڃن ته وڏو مسئلو درپيش پيو اچي ڪراسنگ ۾، مطلب ته تمام ڀيانڪ ۽ هيبتناڪ رستو هيو ۽ وري مٿان اونده جا اثار سچ پچو ته اسان ڊڄڻ لاءِ اڌ موت مثل هيو، يقين سچ لهڻ محل هن بي رحم وادي جو منظر ڪنهن موت جي وادي کان گهٽ نه هيو، اونده ۾ پري پري تائين نه ڪا بتي نه ڪا روشني نظر پئي آئي، سواءِ چنڊ جي چانڊوڪي جي، جنهن سان دل بهلائيندا درياءَ جي وهڪرن جا تيز آواز ٻڌندا ۽ صلوات جا ورد ڪندا نيٺ اچي ان سر زمين جي حد ۾ داخل ٿياسين.

جتي چڪور پکي جو ديرو هيو.
جتي رات جي راڻي جو راج نظر پي آيو.
جتي خاموشي جا سپنئي خال پرييل نظر آيا.
جتي درياء جي موج مستي ڏسڻ وٽان هئي.
ان سرزمين کي استور نالي سان پوري دنيا اندر سڃاتو وڃي ٿو.
حد ۾ پهچڻ سان اسانجو استقبال چونڪي جي پوليس وارن شناختي ڪارڊ جي پڇا ڳاڇا ۽ پوء لڪت سان ڪيو.
رات جو 11 بجه اسين استور جي شهر ۾ داخل ٿياسين، مک چونڪ تي پهتاسين تہ هڪ گيسٽ هائوس مالڪ اچي وين جي پرسان بيٺو ۽ چيائين تہ جي اگر ڪمرا کپن تہ پوري مارڪيٽ ۾ مونکان وڌيڪ سستا ۽ صاف ڪمرا سو بہ رعايتي ڪير نہ ڏيندو. جتي اوهانکي صرف ڪائڻ پيئڻ ڪا علاو ڪابہ تڪليف نہ پهچندي دوستن کي ڳالهہ وٽي سو ٽڪاوٽ ۾ بنا ڏني سودو طئہ ٿيو، گيسٽ هائوس ۾ 3 ڪمرا بہ ماڙ تي في ڪمرو 1000 روپيہ في ڏينهن جي حساب سان ورتاسين ۽ سامان گاڏي مان لاهي وڃي ڪمرن جي ڪنڊن ۾ رکيو.
صبح واري ڪاڏي تي پيو مٿان ڊگهي سفر جا آثار بک بہ، مٿي جو سور بہ، تہ ٿڪ بہ پوء تہ هٿ منهن ڌوئي سامهون ئي هڪ هوٽل تي ڪُڪُڙ جي ڪڙهائي تي سيني اچي ڪَڙڪو ڪيو، دوا مثل چانهہ جو مٿي جي سور کي گهٽائڻ لا چسڪو هئڻ لازمي هيو. اتان فارغ ٿي پوء وڃي بستر جي حوالي ٿياسين.

# ديوسائي جي ديس ۾

صبح سوير اٿڻ لاءِ الارم ڪنن ۾ گونجندو رهيو. نيٺ پاسا ڦيرائي ڦيرائي اٿيس. پر بيت خلاءِ غسل خاني تي قطار لڳي پئي هئي ڇو جو واش روم هڪڙو ئي هيو، جنهن لاءِ واري جو انتظار ڪرڻو پيو، جيسيتائين پنهنجو نمبر اچي تيسين آءِ ڪيڙ جو ڏنڊڻ وات وجهي ڇت تي نظارو ڏسڻ لاءِ چڙهي ويس، سبحان الله منهنجي اکين پهريان ڪڏهن اهڙا منظر نہ ڏٺا هوندا جيڪي اڄ پئي ڏسي، ڏسڻ شرط راتوڪا ٿڪ ئي لهي ويا.

چارون طرف شهر کي ڏنل قدرتي ڪوٽ نما بيٺل وڏا وڏا پهاڙ جن استور جي شهر کي پنهنجي وجود ۾ ائين لڪايو هجي جيئن ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار هجي، سج ابري ڇڪو هيو پر ڪرڻن سان اهي مهاڏو اٽڪايون بيٺا هيا. پهاڙن جي هيٺان ساوڪ جي پوشاڪ ۾ مٿان پٿرن جو جبو پهريل هيو چؤطرف خاموش ۽ پرسڪون ماحول هيو. ڪن جبلن تي ننڍيون ننڍيون جايون عجيب طرز جون ٺهيل نظر آيون، استور شهر جي ننڍڙي مارڪيٽ جيڪا هڪ ٽڪري تي ٺهيل هئي سا پري کان هڪ حسين منظر پيش ڪري رهي هئي، نظارن کي ڏسندي دل ۾ خيال پيدا ٿيو جيڪر زندگي جا لمحا پنهنجن پيارن سان گڏ هن پرسڪون ماحول ۾ گهارجن.

ان ڪشمڪش ۾ هيٺان شفيق جو آواز آيو تہ تياري ۾ رهيل ئي تون آهين، ٻيا سڀ گاڏي ۾ ويٺا اٿئي تيار ٿي جلدي گاڏي تي پهچ. بس پوءِ مون بہ سپر مين وانگر ٻلانگهون ڏئي ٻيرين ۾ واش روم جي اندر گهڙي هنئي،

تڪڙ ڪري جڏهن جو ڪونجو پاڻي جو پاڻ مٿان وڌم تہ صفا ڪُڪُڙ ٿي ويس ۽ منهنجي جسم مان مائنس 10 ڊگري سينٽي گريڊ پيو نڪري، پوءِ تہ بس منهن ۾ هٿ ئي ڏوڙٽا پيا.

ڪپڙا پائي تيار ٿي هڪ سائيڊ واري هوٽل تي سرڪي ويس چانهہ پيئڻ لاءِ تہ جيئن ڪجهہ گرم حرارت ملي. چانهہ پي اچي دوستن سان مليس.

اڄ اسين ديون جي ديس ديوسائي طرف وڃي رهيا آهيون. گاڏي اسان پنهنجي اتي پارڪنگ ايريا ۾ بيهاري ڇڏي ۽ اتان هڪ مقامي جيپ ڪرائي تي ڪرائيسين، جنهن سان پنهي پاسن جو ڪرايو 22000 طئہ ٿيو.

هڪ صبح جي پياري موسم پيو وري جڏهن جو هن جنت نظير وادي جي رستي پيا هلئون تہ منظر ئي اڪين جو ٺار پيا لڳن روڊ جي هڪ طرف ننڍا وڏا خوبصورت ۽ قسمن قسمن جا وڻ، ۽ بهترين طرز جا جهوپڙين جي شڪل ۾ ٺهيل ننڍڙا سهڻا گهر،

۽ ٻئي طرف هڪ وڏي کاهي جنهن ۾ درياء پنهنجن پر اون آبشارن ۽ ننڍن ننڍن چشمن ساڻ شينهن جيان گجگوڙ ڪندو گذرندو پيو وڃي

گاڏي نانگ وانگر روڊ تي وڪڙ کائيندي پئي هلي، صبح جي موسم انتهائي خوشگوار پئي لڳي انڪري ئي دوست تازا دم لڳا پيا هيا.

ڪٿي ڪٿي ننڍيون ننڍيون نهرون جيڪي رنگ برنگي آب سان جبلن کي چيري ڪري پنهنجي وجود کي امر ڪرڻ لاء درياء بادشاهہ جي آغوش کي آخري سهارو سمجهي پاڻ کي دائمي زندگي ڏئي رهيون هيوم جڏهن اهي نهرون جن جا رنگ جدا جدا هيا ڪا سائي رنگ جي تہ ڪا فيروزي رنگ جي تہ ڪا اڇي رنگ جي جڏهن درياء ۾ گڏ پيون ٿين تہ انهن تي درياء جو رنگ حاوي ٿي پيو وڃي ۽ سڀئي ميري ہاٺي جي شڪل اختيار ڪري پنهنجي منزل مقصود ڏانهن روان دوان ٿي هلن پيون.

رستي ۾ قسمين قسمين وڻن جا باغات ۽ پهاڙن جي پيٽ ۾ ٺيل پوک جنهن جو صرف واٽر سسٽم جيڪو ان پوک تائين پهچڻ لاء ٺاهيو ويو هيو اهو ئي اسان لاء حيرت ڏياريندڙ هيو. ڪجهہ وقت ڪانپوء مونکي پيشاب جي حاجت پيش آئي جنهن مونکي بيقراري جي آخري حد تائين پهچائي ڇڏيو، سوچيان پيو تہ صبح منهنجي ڪري ڪجهہ دير ٿي وئي هئي، هاڻي وري رستي ۾ ڪيئن گاڏي بيهاريان، متان دوست ناراض ٿين.

آخر دل ٻڌي بابر کي عرض ڪيم ادا گاڏي ڪنهن جاء تي بيهاريو تہ پيشاب ڪريان تڪليف وڌي وئي آهي ڊرائيور اشارو ملندي ئي سائيڊ ۾ هڪ ڪاٺ جي ٺهيل موري پر سان گاڏي بيهاري، بس پوء تہ بيهڻ شرط سڀ گاڏي خالي ٿي وئي اصلي سيني سان اها حالت هئي.

جاء بہ اهڙي تي بيناسين جو انجي سحر ۾ سڀ مبتلا ٿي ويا، پهاڙن جي دامن ۾ رستو رستي سان هلندڙ درياء ۽ درياء ۾ پوندڙ هڪ ٻن جبلن جي اوٽ مان لهندڙ ڪير جهڙي اڇي ہاٺي جي نهر جنهن جي وچ تي ٺهيل ڪاٺ جي

پل ۾ انهن جي آس پاس ڏگها ڏگها وڻ ۽ مختلف اقسام جا گل جيڪي پنهنجي خوبصورتي ڏانهن ڏسڻ وارن کي مائل ڪري رهيا هيا.

دوستن مون سميت ان يادگار جاءِ جا فوٽو ڪيڏي، موبائل جي قيد خاني ۾ قيد ڪيا، ۽ منزل ڏانهن روانا ٿياسين. اڳتي هلي ڪري چلم نالي هڪ علائقي ۾ داخل ٿياسين، جتي فوجي چيڪ پوسٽ ٺهيل هئي. ڊرائيور گاڏي سائيڊ ۾ بيهاري، اجمل سولنگي سان گڏ انٽري ڪرائڻ لاءِ چيڪ پوسٽ ڏانهن ويا. اجمل کي سيني پنهنجا ڪارڊ ڏئي ڇڏيا هئا. جيڪي سڀئي چيڪ پوسٽ تي انٽري ڪيا ويا.

تڏهن وڃي اڳتي وڌڻ لاءِ اجازت ملي. مونکي هڪ ڳالهہ جي ڏاڍي خوشي ٿي جو ان چيڪ پوسٽ تي ويلڪم ۽ خوش آمديد سان گڏ (ڀلي ڪري آيا) سنڌي جملو به لکيل نظر آيو. هي علائقو يا انڪان اڳتي سڄو فوجين جي ڇانوڻي هئي. اڳيان ڪارگل جا جبل آهن (جنهن جو ذڪر اڳتي ٿيندو) يعني پورو علائقو ريڊ زون ۾ داخل آهي. چيڪ پوسٽ کان نڪري ٻهراڙي ۾ داخل ٿياسين تہ ڊرائيور چيو اڳتي ڪابہ آبادي ناهي جي اگر توهان کي ماني کائڻي آهي تہ هي سامهون گهر نموني ٺهيل ريسٽورنٽ آهي پيو ڪو هوٽل بہ نہ آهي، ماني جو لفظ ٻڌڻ شرط سيني جا پيٽ ئي خالي ٿي پيا. سيني کي ان مهل احساس ٿيو تہ واقعي اسان راتو ڪي ڪاڏي تي آهيون.

نيرن جي نيت ڪري ۽ منجهند جي ماني کائڻ لاءِ گهر نمان ٺهيل ريسٽورنٽ تي اچي گاڏي بيهاري.

ڊرائيور ٽڪرو ٽڪرو لهي ڪري گلگتي ٻولي ۾ الاهي تہ ڇا ڇيائينس هوٽل واري کي، مون سمجهيو پئي تہ هن ڪميشن جي گهر ڪئي هوندس. ماڻهو بہ اهڙو لڳي پيو. خير بہ جڻا آرڊر ڏيڻ لاءِ ويا ۽ جيڪي دوست پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان گڏ هيا گروپ ۾ سي هيڏي هوڏي نڪري ويا، مان ۽ شفيق سان گڏ سامهون نظر ايندڙ هڪ نهر طرف هلڻ شروع ڪيو جيڪا ڪافي پري هئي، هي سڄو گهاٽو جهنگل هيو.

هڪ علائقي جي ماڻهو ٻڌايو تہ هتي قسمين قسمين جا جانور عام هوندا آهن جيئن چيتو لومڙي بگهڙ، جنگلي ٻلو، ڀالو وغيره وغيره.

خوف بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيو هيو.

پر حوصلو ان کي دٻائي رهيو هيو.

نيٺ وڃي ان پياري نهر جي ڪناري پهتاسين.

# هڪ صاف شفاف پاڻي جي نهر

جيڪا جبلن تي ڍڪيل برف مان نڪرندڙ پاڻي جي ننڍين ننڍين نالين کي پاڻ سان ڳنڍي هڪ پلي گهوڙي جي رفتار سان هيٺ لهي ميدان ۾ جهنگل جي وچ مان نڪرندي ۽ آبادي کي پار ڪندي ڪاهي ۾ پئي ڪري جنهن ڪاهي جي اندر استور جو درياء پنهنجي موج مستي سان روان دوان هيو.

نهر جي پنهي پاسن کان عجيب و غريب وڻ ائين بيٺل هيا ڄڻ انجي حفاظت تي مامور هجن ۽ پنهي ڪپرن تي سائي چادر وانگر ڇپر جي ساوڪ جنهن کي رونق بخشڻ لاء ننڍڙا ننڍڙا نيرا، پيلا، آسماني، ڪارا ۽ اڇا گل سڄي جهنگل ۾ پکڙيل هيا. ۽ سڄو جهنگل دراز قامت وڻن سان سرشار هيو. نهر جي پنهي پاسن کان ڪاٺ جون گول تاڪين سان ننڍيون ننڍيون خالي ڪوٺيون ٺهيل هيون. جيڪي اسان اڪثر فلمن ۾ ڏسندا ايندا هياسين.

هن منظر کي ڏسندي دل باغ بهار ٿي وئي.

قدرت جي هن حسين منظر کي پنهنجو بيڪ گرائونڊ بڻائيندي پنهنجي OPPO.F9جي ويوا وولڊ جي فنڪشن سان ڇتا ۽ صاف فوٽو ڪڍي محفوظ ڪري ڇڏيا.

ان وچ ۾ سامهون ريسٽورنٽ تان هڪ دوست اشارو ڪيو تہ ماني تيار آهي جلدي اچو سفر گهڻو آهي اڳتي.

اسان بہ چيتي شيهن وانگر ڊوڙندا وڃي هوٽل جي ڪمري ۾ پيل ڪرسين تي ويناسين

ماني ٽيبل تي بيري اچي لڳائي. پاڇي ۾ جهنگل جي پينڊي ۽ دال ماش ڪرائي هئي، پينڊي جو ذائقو عام پينڊي کان ڪافي مختلف هيو باقي دال ماش تہ جهڙي پيڪي تهڙي ساهري.. ماني کائڻ کان پوء چانهہ جي چسڪي کي ڪتي ڇڏيئون پلي سج لهي تہ لهي چانهہ پي پو اٿنداسين اها صدا چاروطرف گونجندي رهي اصل سهڻي موالي گڏ ٿيا هياسين. نيٺ ان جو بہ چسڪو چکيوسين.

ماني کائي الله پاڪ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪري اچي جيپ ۾ ويناسين.

ٿورو اڳتي وڌياسين تہ هڪ پوسٽ آئي جتان ديوسائي وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻي پئي يا ائين ڪٿي چئجي ٽول ٽيڪس ادا ڪيوسين.

ديوسائي نيشنل پارڪ گلگت بلتستان جي اتر پاڪستان واري علائقي ۾ هڪ اوچائي تي ٺهيل ميدان ۽ قومي پارڪ آهي.

هاڻي اسين اوچائين طرف وڃي رهيا هياسين، گاڏي هڪ ننڍڙي روڊ تي هلي رهي هئي جيڪو ڪٿي جبلن کي چيريندو ۽ ڪٿي جبلن جي مٿان ڪٿي جبلن جي اوٽ وٺندو اڳتي هلندو پيو هلي.

ڊچ بہ ڏاڍو پيو ٿئي جو هيٺ انتهائي وڏي اونهائي هئي ۽ روڊ جي حالت غير مطمئن ڪندڙ هئي، پر ڊرائيور ائين پيو رفتار سان گاڏي کي هلائي جيئن ميهڙ جا بدمست اوباش ڇوڪرا رات جي وقت ڪارون ۽ موٽرسائيڪلون گهٽين ۾ رستن تي هلائيندا آهن.

رستي ۾ اسان هڪ جانور کي ڏٺوسين جيڪو (مرموت) نالي سان مشهور آهي جنهن جو ڏڙ ۾ هلڻ جو انداز ڪُئي وانگر هيس پر منهن نوريڙي وانگر ۽ ناسي مائل ڪلر جو رنگ هيس هنن جي رهائش بہ ڪُئن وانگر ٻرن ۾ هئي.

هي عجيب مخلوق ٻري کان ڏاڍي پياري پئي لڳي، ان تي سڄي وات دوستن جو تبصرو مزاحيہ انداز ۾ ڪُتڻ جهڙو ئي ڪونهيو. هڪ مرموت جي تہ ٻويان بہ لڳي پيا تہ ڪا ويجهو جي تصوير ڪڍئونس، آهي کهڙي بلا، پر هو بہ سياڻو هيو جلدي ٻر ۾ پهچي ويو.

ديوسائي جي رستي ۾ هڪ خوبصورت ڍنڍ نظر آئي جنهن جو نالو شيوسر ليڪ سان مشهور آهي

شيوسر جي معنيٰ 'انڌي جهيل هي شيانا ٻولي جو لفظ آهي جيئن شيو جو مطلب آهي انڌي (انڌو) ۽ سر جو مطلب آهي'جهيل، ڏاڍي پياري ۽ خوبصورت جهيل هئي دوستن چيو تہ هن جو لطف موٽ ۾ وٺنداسين انڪري ڍنڍ کي ٻري کان سلام ڪري اڳتي وڌياسين.

ڪجهہ پنڌ کان پوءِ ديوسائي نيشنل پارڪ جي ٻهرين ٻوائنٽ ڪالا پاني تي پهتاسين.

هي هڪ وهندڙ نهر آهي جنهن کي ڪالا پاني جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ان ڪري جو هن جو پاڻي ٻري کان حيران ڪندڙ ڪارو نظر ايندو آهي

پر حقيقتن نهر جي اندر جيڪي پٿر پيل آهن سي سڀئي ڪارا آهن ان ڪري پاڻي بہ ڪارو نظر ايندو آهي، اتي ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي جي شاگردن جا بہ ڪوسٽر بہ پهتل هيا جن ان نهر جي قريب ميدان ۾ پڙاء ڪيو هيو.

ان نهر جي مٿان هڪ ڪاٺ جي پل ٺهيل هئي جيڪا اهو ٻڌائي رهي هئي تہ منزل مقصود اجا اڳتي آهي جلدي مونڪان ڪراس ڪيو وري موٽڻ جو رستو بہ اهو ئي اٿو، دير نہ ڪيو.

ڊرائيور بہ گاڏي کي اسپيڊ ڏني ۽ اوچائي تي چڙهڻ لڳو.

جيئن جبل ڪراس ڪيوسين تہ مونکي ڏاڍي حيرت لڳي تہ ايڏو وڏو ميدان سو، پهاڙن تي ائين پيو لڳي جڻ ڪرڪيٽ جو ميدان هجي پر ڪرڪيٽ جو ميدان محدود هوندو آهي هي تہ لامحدود هيو.

ديوسائي جو ميدان سمنڊ جي سطح کان 4،114 ميٽر (13،497 فوٽ) جي سراسري بلندي تي واقع آهي ۽ هي دنيا جو ٻيو نمبر بلند ترين ميدان آهي.

ديوسائي جي معنيٰ آهي "جنات جي زمين".

ميدان تي هلندي اسان کي حيرت لڳي جو اسان اتي هڪ مهراڻ ڪار کي هلندي ڏٺو سڀ دوست پريشان هيا تہ هي هتي پهتي ڪيئن پر سلام آهي ڪاهڻ وارن کي جو 13500 فٽ جي بلندي تي پنهنجي گاڏي ڪاهي ڪرڪنا ڪرڻ لاء آيو آهي.

هي صفا نپٽ خالي ميدان هيو پري پري تائين ڪا شي نظر نہ آئي سواء هڪ وهندڙ نهر جي جنهن جو نالو (ٻڙا پاڻي) سان مشهور آهي پر اها خبر نہ پئي تہ هن جو نالو (ٻڙا پاڻي) ڇو رکيو ويو آهي ٿي سگهي ٿو هي نهر ڊيگهہ ۾ سڀ کان وڏي هجي،

هي هڪ سڌي نهر هئي خبر ناهي ڪٿان پئي آئي ڪاڏي پئي وئي پر رفتار ڏاڍي تيز هيس ۽ پاڻي بہ شيشي جهڙو هيس اندر جا پٿر صاف ظاهر پيا ٿين

نهر جي مٿان هڪ پل گذري پئي، جتان اسڪردو ڏانهن رستو پيو وڃي. ٻي وري هڪ رسين واري خالي پل گذري رهي هئي، جيڪا شايد ماضي ۾ گذرڻ لاء ناهي وئي هئي. حاليہ دور ۾ تہ صرف ڏسڻ لائق هئي.

(نوٽ: اگر ڪو دوست ان علائقي کي چڱي نموني ڏسڻ چاهي ٿو تہ منهنجي صلاح اها هوندي تہ پهريان ماٿهو استور اچي اتي جا علائقا ڏسي

ڪري پوءِ سامان سوڊو ديوسائي وڃي اتان ڪان پوءِ اسڪردو هليو وڃي پر هن سفر ۾ پنهنجي ذاتي گاڏي يا ڪرائي تي ڪاهي اچڻ بيوقوفي هوندي ڇو جو اسان جي گاڏي استور جي هوٽل جي هينان چار ڏينهن بيٺي هئي جيڪي اسان اتي رهيا هياسين صرف فور ويل گاڏين جي لاءِ رستا محفوظ آهن. اسان کي خبر هجي ها تہ اسڪردو 40 ڪلوميٽر پري آهي تہ سامان سڄو کڻي اچئون ها ۽ اتان ئي روانا ٿي وڃئون ها..)

ڪجهہ وقت دنيا جي ٻيئن نمبر بلند ميدان تي موجن سان وهندڙ نهر ڪي تيز رفتاري سان وهندي ڏسي گاڏي جا ٽڪ لاهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر مار پوي مڇرن کي جو الاهي تہ کهڙي قسم جا ڪنا ۽ وڏا مڇر ڀون ڀون ڪري چڪ هڻي ان ڪوشش کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

مونکي تہ اچي وهم ورايو تہ هي مڇر ڊينگي وارو مڇر نہ هجي.

پاسي ۾ هڪ انگريز جيڪو ٻاهرين ملڪ کان صرف ديوسائي کي ڏسڻ لاءِ آيو هيو پنهنجي گائيڊ سان گڏ مڇي ڦيو ماري. ان وٽ جو موسفل ڏٺو تہ ڊوڙندو ويومانس ۽ سامهون ٻيهي اڌ انگريزي ۽ اڌ اردو مڪس ڪري عرض ڪيم (سر اف يو ڊونٽ مائينڊ سر ڪين يو گِو مي سم ڊراپس آف موسفل) چيائين تہ (شوئر) ۽ هٿ ۾ ڏنائي پوءِ تہ مون بہ هڻي اڌ خالي ڪئي مانس ڪا جاءِ نہ ڇڏي جتي لوشن لڳل نہ هجي. منهنجي دوستن جو تہ مڇرن حال ئي هيٺو ڪري ڇڏيو هيو.

اسان وارا سڀئي ساٿي نهر جي مٿان ٺهيل رسي واري پل تي پاڻ کي آزمائڻ ۾ لڳي ويا تہ ڪير ٿوئي پار پهچي. (هوش محمد ۽ نعيم) کان سواءِ مون وانگر سڀ ڊڄڻا نڪتا ڪير نہ وڃي سگهيو اڳتي.

مون بہ وڃڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر پاڻي جي وهڪري جي خوف سبب پوئين پير موٽيس.

ان ميدان تي بہ جهوپڙيون هيون جن جي ڀرسان رکيل ڪرسيون اهو ٻڌائي رهيون هيون تہ هتي توهانجي کائڻ پيئڻ جو باقاعدہ بندوبست ٿيل آهي بس رکو بنا پئسن جي نہ اچجو.

سڀني ان رستي ڏانهن ڊڪ پري جتي چاٺا پائوڊر واري چتي چانهہ ۽ ڪاري تيل ۾ فرائي ٿيل چپس اسان لاءِ منتظر هئي. پوري ميدان اندر هڪ اسانجو گروپ موجود هيو ۽ هڪ ٻيو گروپ جيڪي پنجاب

کان آيل هيا ۽ هڪ غير ملڪي انگريز سياح پنهنجي گائيڊ سان آيل هيو، باقي سڄو ميدان خالي لڳو پيو هيو، پنجابي ڇوڪرا تہ ساز باجا بہ ساڻ کڻي آيا هيا، انهن جي مستي مذاق کي ڏسندي ۽ چانهن جا تڪڙا ڍڪ پريندي ديوسائي جي رنگين ميدان کي مون هميشہ لاءِ الوداع ڪيو ڇو جو پيهر شايد مان نہ وڃي سگهان.

حسين شام جو منظر

سڄ جو بادلن پويان لڪڻ

ٿڌ جو وڌڻ.

جيپ جي تيز رفتار

هر هڪ شي کي پر کي دل ۽ دماغ تي انهن سوچن سان نقوش ڪڍيا.....

خاموش پيل ماحول ۽ سنسان رستن مان گذرندي شيوسر ليڪ جو آخري ديدار ڪيوسين. ۽ هن خوبصورت ڊنيا سان بہ هميشہ لاءِ موڪلائي پنهنجي ولر ساڻ جبلن جون اونچائين ۽ کاهين وارو ڏکيو رستو ڪراس ڪندي تقريبن 5.5 ڪلاڪ سنسان آبادي ۽ پاتال جهڙي اونداهي رات ۾ لڳاتار سفر ڪانپوءِ وڃي جڏهن موبائيل جي ميسيجن وارن ٽون وڳي تڏهن وڃي ساهہ پيو تہ اسين استور جي شهر جي حد ۾ پهچي چڪا آهيون. سچ پڇيو تہ ديوسائي واقعي اهو وڃي جيڪو ديوَ هجي يا ديون جو ديوانو هجي ڇو جو مستنصر حسين تارڙ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ ديوسائي ديون جو مسڪن آهي عام ماڻهن جي وڃڻ جي جاءِ ناهي. اسان کي ديوسائي ۾ وڏو مسئلو ڊگهي سفر جو پيش آيو 6 ڪلاڪ لڳاتار سفر ڪانپوءِ وڃي هي ميدان پيو ملي.

اسين پنهنجي منزل تي پهچي چڪا هياسين جتي پهچڻ شرط وڃي هوٽل جي ميز مٿان مارو ڪيو، دال ماني جا بہ چار گرهہ پيري ۽ چانهہ جو چسڪو مٿان لڳايوسين پوءِ سڀني دوستن وڃي پنهنجا بستر آباد ڪري استور ويلي ۾ گذرندڙ هي رات کي خير آباد ڪيو.

# راماسر جا راز

ديوسائي جي پٿريلي رستي چيلهه ئي ڇڪي ڇڏي هئي رات جو پهچڻ شرط ئي هرڪو بستر تي ڪري پيو صبح جو سڀني دوستن جي حالت هڪ بيمار ۽ لاچار پوڙهي جيئان هئي.

اهو احساس اسانکي ديوسائي کان واپسي مهل ئي ٿيو هيو انڪري گاڏي ۾ ئي سياڻي جي پلاننگ ٿاهي ورتي هئي سين تہ سياڻي ڪجھ وقت آرام ڪبو پوءِ ڪنهن پسگردائيءَ واري پوائنٽ ڏانهن هلنداسين.

صبح جو 9 بجي ننڊ مان سجاڳي ٿي، تڏي پاڻي سان ڪنهن کي مجال جو مشڪري ڪري انڪري مون ۽ شفيق شهر ڏانهن رخ ڪيو ان نيت سان تي گرم حمام ۾ وڃي گرم پاڻي سان جسم کي گرم ڪجي، سامهون هڪ 20 سالن جو سنهڙو ۽ بندرو ڇوڪرو سيلون ڪولي صفائي ۾ مصروف هيو تہ اسان ٻ مٿان پهتاسين جنهن اسانکي مسڪرائي پلي ڪار ڪيو ۽ چيائين تي پاڻي گرم آهي توهان وهنجي سگهو ٿا، دير اسان ٻ ڪوڙ ڪئي سين. ٿڌ ۾ گرم پاڻي سان وهنجڻ جو مزو ئي پنهنجو هيو پر جڏهن ميزبان پئسا گهريا تہ بلڊپريشر لوٽي ويو ۽ مزو ئي موڪلائي ويو 100 روپيہ خالي وهنجڻ جو ظلم آهي سراسر، بس مسافرن جي مجبوري جو غلط فائدو وٺڻ ڪهڙي فشري پرائي ديس ۾ پئسا ڏئي روانا ٿياسين.

حمام کان ٻاهر نڪري استور شهر جي مين چوراهي تي ٽاور جي پاسي ۾ هيٺان کان مٿي طرف ٿهيل هڪ گلگتي جي هوٽل تي اچي ويناسين. جتي منهنجي اندازي مطابق ڪلو پاڻي ۽ اڌ پاءَ مکس کير جي (سو ٻ خدا ڄاڻي ڇاجو کير) مان ٺهيل چانهہ مجبورن پيٽي پئي.

اتان اٿي ڪري پنهنجي رهائش گاهہ تي پهتاسين جتي سڀ ساٿي بہ تيار لڳا پيا هئا. اسانجي هوٽل جو مالڪ جنهن جو نالو بشير احمد هيو تمام محبتي ۽ لائق ماڻهو هيو ڏاڍو خيال پيو ڪري،ڪاڏي وڃئون پيا تہ گاڏيون بہ اهوئي پيو ڪرائي ڏي، نہ تہ گاڏين وارا اهڙا ريٽ پيا ٻڌائن جو موڻ تي دل پئي ڇوي.

اسانجي اجوڪي منزل هئي #راماميڊوز ۽ #راماجهيل

راما جا راز ڳولهڻ لاءِ بشير ڀائي ۽ ڀراڊا ڪِرائي تي ڪَرائي ڏنا. جن جو ڪِرايو اسانکي 8000 پيو. سڀ دوست گاڏين ۾ چڙهي ويٺا هرڪو اڳيان ۽ دري واري سيٽ تي اڳرائي ڪري رهيو هيو مون ۽هڪ ڪنڌ سنڀالي ورتي ڇو جو گاڏي اندر هلندڙ روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڻندڙ منظر ڪيمرا جي اک ۾ قيد ڪرڻا هيا.

استور شهر کان ٻاهر نڪري گاڏي هڪ جبلن جي قطار جي اوٽ سان هلندي رهي رستو ڪافي دشوار هيو ۽ ٺاهڻ لاءِ ڪرين مشينون ٻه ڪم ڪري رهيون هيون پر ٿورو اڳتي هلي دشواري ختم ٿي وئي، جتي اسين قدرتي حسن جي گهيري ۾ اچي وياسين، جتي خوابن جي دنيا وانگر ٺهيل ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺ جيڪي پنهنجي حسن لازوال طرف مائل ڪري رهيا هيا.

روڊ جي ٻنهي طرفن کان دوڪانن جي قطار.
۽ اسڪول ويندڙ ٻارن جي ڀرمار.
ڪي جوان ڪم ۾،
ڪي پوڙها ڪُنڊن تي ويٺل لاچار.
ٻنين ۾ گهمندڙ عورتن جي چوڌار.
ڪي پوڙهيون ڪي جوان،
ڪِن جي ڪلهن تي ويٺل ننڍڙا ٻار.
جن ڪي مون پر ڪيندي ڪئي سوچ ويچار.
مالڪ تون آهين سڀني جو ڪلڪٺار.
هر ڪنهن جي پئي گذري زندگي گلزار.
واهه مالڪ تنهنجي قدرت جا اسرار.
ڪريم له سڀني جي سار.
جيڪي آهن تنهنجي آسري...

اڳتي هلندي هڪ وادي ۾ داخل ٿياسين جنهن ڪي رامامبوز چيو ويندو آهي رامامبوز وادي وڏي پئماني تي پنڊلن ، پٽڪن ۽ جونير جي وڻن سان ڀرپور آهي. وادي سمنڊ جي سطح کان 3300 ميٽر (10800 فٽ) مٿي آهي. اونهاري ۾ هي وادي سرسبز ٿي ويندي آهي

هتان کان نانگا پربت جي اوپر واري پاسي کان نانگا پربت ڏانهن پيدل ٽريڪ ڪري سگهجي ٿو جيڪو (قاتل جبل) جي نالي سان ۽ دنيا جو نائون نمبر سڀ کان وڏو جبل مشهور آهي

ان وادي ۾ روڊ سان لڳ هڪ وسيع ميدان هيو جنهن کي ڪنڊيدار تارن سان ديوار ڏنل هئي. جتي سالانہ راندين جو فيسٽيول لڳندو آهي

فيسٽيول ۾ شرڪت لاءِ سياحن جو وڏو تعداد خِطي ۾ اچي ٿو جيڪو دنيا ۾ گلگت بلتستان جي ثقافت، رسمن ۽ ورثي کي ظاهر ڪري ٿو. ۽ والي بال ، فوٽ بال ، ڪرڪيٽ ۽ هاڪي سميت فيسٽيول ۾ مقامي توڙي قومي راندين ڪيڏيون ويندين. انهن تقريب جا سمورا خرچ گلگت بلتستان جي سياحت وارو کاتو برداشت ڪندو آهي، خاص راند هتان جي مقامي راند پولو گيم ڪيڏي ويندي آهي، پولو راند ۾ رانديگر گهوڙن تي چڙهي ڪري هٿ ۾ لڪڻ جيان بيٽ کڻي هڪ ننڍڙي بال کي گول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ان راند کي ڏسڻ لاءِ ۽ ڪيڏڻ لاءِ غير ملڪي سياح بہ لاتعداد ايندا آهن

هن خوبصورت وادي اندر جابجا وڏا وڏا جونير ۽ پنڊلن جا وڻ ڇانو ڪَري بيٺا هيا جن جي پير ۾ گهڻي مقدار ۾ ڳئون ۽ ٻڪريون ميدان اندر چري رهيون هيون.

ڪجھ پنڌ ڪان پوءِ راماسر جهيل جي بيس ڪيمپ تي پهتاسين جتي ڪجھ جهوپڙيون هوٽل ۽ دوڪانن جون نظر آيون.

گاڏي مان لهي ڪري هڪ هوٽل جي سائيڊ ۾ پيل ڪرسين تي ويٺاسين جتي ناشتي لاءِ بيري کي آرڊر ڏنو.

۽ جڏهن منهنجي نظر ارد گرد جي ماحول تي پئي تہ هڪ سڪون واري ڪيفيت اچي وئي، جيڪا مان لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان.

حسن فطرت کي ڏسڻ لاءِ هر هڪ شي جو مشاهدو حاضر دماغي سان ڪرڻ لازمي هوندو آهي، مون اتي هڪ ڳالھ پوري سفر ۾ پرکي تہ ڪافي ٽوئرسٽ اهڙا هيا جيڪي صرف فوٽو گرافي ۾ پنهنجو پيٽ پرن پيا، انهن کي اهو احساس بہ نہ هيو تہ ايترو پري نڪري اچي صرف فوٽوگرافي ڪري پين کي ڏيکارڻ پاڻ سان زيادتي آهي. ڪجھ دوست تہ منهنجي گروپ ۾ ٻهيا بس ڪٽي بيهڻ جي دير هجي موبائيلز جي ڪيمرا پهريان آن هوندي هئي انهن جي، پر مون پنهنجي 576 واري ڪيمرا سان هر شي جو مشاهدو قدرت جي ڪاريگري کي غور سان پئي ڪيو، ۽ ان مان پاڻ کي هڪ احساس پيو ڏياريان تہ تون ڪيڏو خوشنصيب آهين جو تون حقيقي محبوب جي بناوت تي غور و فڪر ڪري رهيو آهين، ۽ پنهنجي وحدانيت واري عقيدي کي پختو ڪري رهيو آهين.

بئس ڪيمپ جي ماحول ڪي موسم چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. مٿان جهڙالي موسم پيو جيڏانهن ڏس ساوڪ جا جلوا ٻن طرفن کان پهاڙن جون قطارون جيڪي پنهنجي وجود ڪي قسمين قسمين وڻن ٻوٽن سان ۽ ننڍين ننڍين چشمن سان سينگاريون بيٺا هيا.

انهن ننڍين چشمن جيڪي جبلن کان هيٺ لهندا ۽ ميدان ۾ نالين جي صورت ۾ ڦهلجي پيا وڃن جن جي پيٽ ۾ پٿرن جي قطار ائين جڙيل هئي جيئن ڪنهن ڪاريگر محنت سان سينگاريو هجي، ۽ ڪنارن کان ننڍڙا اڇڙا ۽ ڦڪڙا گل پاڻ ڏي مائل ڪري رهيا هئا. ان ڪشمڪش ۾ ڪيمرا جي اک ڪي به خالي نه ڇڏيو ۽ ڪجهه تصويرون ڪڍي يادن ڪي قيد ڪيو.

تيسيتائين ناشتو به اچي ويو ۽ سرڪي وڃي پنهنجي جاء سنڀالي، ناشتي ۾ هر روز جيئان انڊا ڇولا پراٺا ۽ چانهه ٺي هئي پر هتان جا پراٺا بهترين هيا جيڪي نه وسرڻ جوڳا هيا.

ناشتو ڪري اتي ئي گاڏين ڪي ڊرائيورن سميت الوداع ڪيو، ڇو جو اڳتي رستو ڪچو هيو ۽ اٿپورو هيو، جتي صرف پيدل يا گهوڙي، خچر تي وڃي سگهجي پيو. انڪري سڀ پيدل نڪتاسين، سواء هڪ دوست اسرار احمد جي ان ٻهريان ئي هار مڃي ورتي ۽ پوري 500 ۾ اچ وڃ لاء گهوڙي جي سواري اپنائي..

منهنجا اهڙا ٻهريان ئي ڪافي دفعا پنڌ ٿيل هيا ان ڪري مون بريڪ ئي نه هنئي، سڀني کان اڳتي ۽ شفيق مونسان گڏ هيو، منهنجي تيز هلڻ جو هڪ پيو راز اهو به هيو ته منهنجو جوگر بوٽ سٺو ۽ ڪمفرٽيبل هيو اهو امپورٽيڊ هيو 4 سال ٻهريان ڪوئٽه مان لياقت بازار مان ورتو هيم، جيڪو اڄ تائين ساٿ نڀائيندو پيو هلي.

سفر هڪ ته لڳ ڀڳ 10 ڪلو ميٽرن تائين مشتمل هيو، ٻيو ته رستو پٿريلي زمين ۽ هيٺائين مٿائين وارو هيو انڪري هلڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي پيش آئي. رستي ۾ ڪافي ننڍيا ننڍيا آبشار صاف ۽ شفافيت واريون نهرون ۽ ننڍيون ننڍيون خوبصورت ڍنڍون پار ڪندا، اچي دنيا جي نائين نمبر چوٽي جي دامن ۾ واقع پنهنجي خوبصورتي سان سرشار سائي رنگ جي راماسر نالي ڍنڍ تي پهتاسين جنهن جي ڪنارن تي پيل بخمل وانگر نرم پٿرن تي ويهي ساهه کنيو. هن ڍنڍ جو قدرتي حسن ڏسڻ وٽان آهي. ماڻهن جو هجوم نه هجڻ جي برابر هيو ڇو جو هي ڪافي پري ۽ پيدل رستو آهي.

منهنجو گروپ ، پري پري تائين نظر نہ پيو اچي تيستائين مون نعتون ۽ نغما چئي دل وندرائي. ۽ قدرت جي هن حسين نظاري کي پنهنجي هوش و حواس سان هر هڪ شي کي مالڪ ڪريم جي ڏنل عقل سان مشاهدو ڪرڻ لڳس، تہ ڪيڏي نہ ڪريم رب جي ڪاريگري آهي جو آسمان جي بلنديئن کي چوهندڙ پهاڙ جي دامن ۾ سمايل هي خوبصورت ڍنڍ جنهن جو پاڻي پهاڙن کان برف جي شڪل ۾ صاف شفاف ڪير جيئان سفيد هيٺ لهي ڪري ڍنڍ ۾ سائو رنگ اختيار ڪري پيو.

منهنجا دوست بہ اچي پهتا جن اچي موبائلز کوليا ۽ فوٽو ڪيڻ لڳا. ان وقت مينهن بہ مٿان اچي پيو، ڪڻ ڪڻ ۾ ڪڏندا پڇندا وڃي هوٽل واري جي خيمي ۾ لڪياسين.

هڪ تہ ميهونڳي موسم پيو مٿان گرم گرم پڪوڙا ۽ انڪانپوء چانه جو چسڪو، ان کان وڌيڪ ان جاء تي پيو چا ڪپي!!

چو تہ سفر ۾ ٿڪ لاهڻ جو واحد حل چانهہ ئي آهي اهو منهنجو مشاهدو آهي. شام ورندي پئي آئي ۽ برسات ڪجهہ ٿمهجي چڪي هئي،پوء اسان بہ پويان پير ڪياسين.

هتي اچڻ نوں ماٹهن لاء سازگار نہ آهي ان ڪري جو ڪجه خاص انٽرٽينمنٽ بہ نہ آهي جيڪا انهن کي متاثر ڪري سگهي، نہ هجوم نہ زيادھ ساوڪ جيئن ناران ڪاغان جي علائقن ۾ هوندي آهي جيئن ڪنهن نئين ماڻهو کي متاثر ڪري سگهي، پيو تہ پنڌ وڏا گاڏي کان بغير،

اسين تہ ازل کان ئي رواڪ رهيا آهيون.

گاڏين جا ڊرائيور پاڻ پريشان هيا تہ ڪهڙي مخلوق مان ڦاٿا آهيون، جو جڏي ڪڏي هلڻ لاء ۽ رسڪ کڻڻ لاء تيار بيٺا آهن، نيٺ هڪڙي ڊرائيور چئي ڏنو تہ بابا شابس آهي اوهان کي باقي ان ئي علائقي ۾ ماڻهو پنڌ جو ڀڏي پويان پير ڪندا آهن، توهان تہ ديوسائي جا ديس بہ ڏسي آيوَ تہ راما جا روڊ بہ ڪڇيوَ.

گاڏين تي سوار ٿي استور واپس ورياسين شهر پهچي ڪري ڪجه وقت آرام ڪيو پوء اتان جي بازار جو رخ ڪيوسين، جتي استور جون ڪجهہ سوغات ورتيون جنهن ۾ خاص خشڪ ميوا، مثلن

اخروٽ، شخرباتو، جيڪو زردالو کي سڪائڻ کان پوء ٺهندو آهي، وغيره وغيره.

# يادگار لمحا

اڄ سال جو اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ منهنجو وجود هن دنيا اندر داخل ٿيو هيو.

19 جولائي جو ڏينهن اوچتو ياد اچي ويو تہ اڄ منهنجي زندگي جا لڳ ڀڳ 26 سال پورا ٿي چڪا آهن دل ۾ ارمان بہ هيو تہ ڪيترو قيمتي وقت وڃائي ويٺو آهيان جو ايتري زندگي گذاري، پر ڪجھ ڪري نہ سگهيو آهيان، اڃا تائين جيڪو منزل مقصود تائين پهچائي.

هر ماڻهو ۾ الله پاڪ صلاحيتون رکيون آهن، ۽ انهن جو استعمال ڪرڻ جو اختيار ڪريم رب انکي ئي عطا ڪيو آهي، پر ڪير انهن مان فائدو وٺي يا نہ وٺي اهو ان جي هٿ ۾ آهي ليڪن افسوس جو مون بہ پنهنجي وقت جو صحيح قدر نہ ڪيو ۽ اجاين ڪمن ۾ پنهنجو وقت وڃائي ويٺس. دلي دعا آهي تہ الله پاڪ اڳتي ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر هتي مان پنهنجو جنم ڏينهن ملهايان. پر سوچيم غيرن جي ديس ۾ ڇا جنم ڏينهن ڪي ملهايان الائي دوستن ڪي ڳالھ وڻي الائي نہ.

ڪجھ دير ڪانپوءِ پوءِ بابر چيو تہ اڄ رات جي ماني استور جي مشهور هوٽل (استور ان) تي ڪائينداسين.

سڀ وين ۾ سوار ٿي اوڏانهن روانا ٿياسين اسان سان گڏ اسانجي هوٽل جو مالڪ محترم بشير صاحب ۽ اسان جا اڃوڪا ڊرائيورَ بہ ساڻ هليا. بازار جي عين وچ تي گاڏي ڪجھ وقت لاءِ بيٺي ۽ بشير ڀائي لهي سامهون هڪ بيڪري نمان دڪان تان هڪ ڪوڪو ڪٽي وين ۾ ويٺو. جڏهن هوٽل جو مٿيون پورشن سڄو بوڪ ڏٺو تڏهن مونکي دل سان ڌڪ لڳو تہ شايد هي انتظام منهنجي جنم ڏينهن ڪي ملهائڻ لاءِ ڪيو ويو آهي. منهنجي نظر بابر ۽ شفيق ڏي هلي وئي شفيق ڏسي مسڪرايو بابر منهنجي پرسان اچي مخاطب ٿيو تہ اڄ تنهنجو جنم ڏينهن آهي، اڳئين دفعي اسان ڪان وسري ويو هيو پر هن دفعي شفيق صبح جو ئي يڏائي ڇڏيو هيو، هي اسانجي پلاننگ بشير سان گڏ صبح کان وٺي جاري هئي. تنهنجي جنم ڏينهن ڪي اسان يادگار ڪري ملهائينداسين جيئن توکي بہ سڄي عمر ياد رهي.

ڪيڪ تي لکيل الفاظ زندگي جا يادگار الفاظ ٿي ويا.

HAPPY BIRTHDAY IHSAN AT ASTORE VALLEY

دوستن سان گڏجي ڪيڪ ڪاٽيو، سڀني کي ڪيڪ کارايو ۽ ڪاڏو سڀني مبارڪ باد ڏني پوءِ سڀني کي مخاطب ٿيندي چيم..

توهان سڀني دوستن جي مهرباني جو اوهان منهنجو جنم ڏينهن استور وادي جي وچ ۾ سيليبريٽ ڪيو، هي هميشہ منهنجي خواهش هئي تہ مان پهاڙن جي وچ ۾ پنهنجو جنم ڏينهن ملهايان، پر اڄ توهان سڀني دوستن جي توصل سان اها خواهش بہ پوري ٿي، ان خوشي ۾ اڄوڪو هي ڊنر سڀني دوستن لاءِ منهنجي طرفان آهي.

ڪجھ گپ شپ کان پوءِ ماني بہ اچي وئي، برياني جا ڊش بيري کڻي اچي اڳيان رکيا.

ايڏا وڏا چانور مون ڪڏهن نہ ڏٺا، نہ کاڌا، بهرحال برياني مزيدار هئي کائڻ ۾ لذيذ هئي، ٿڌ ۾ پيپسي بوتل جو مزو بہ ڀرپور ورتو. ماني کائي واپس پنهنجي ٺاڪ تي پهتاسين ۽ بستري حوالي ٿياسين.

## ڊوميل وادي ۾ رينبوليڪ جا راز

صبح جي ٿڌڙي هير ڪمري جي ننڍين سوراخن کي پار ڪري ڪمبل جي باريڪ سوراخن مان گذرندي جڏهن منهنجي وجود سان ٽڪرائي تڏهن وڃي ننڊ مان بيداري وارو عالم شروع ٿيو، ۽ مان پنهنجي خوابن واري جهان کي موڪلائي دنيا جي جهان ۾ اک کولي.

سج تقريبن اپري چڪو هيو پر انجا ڪرڻا اجا استور جي اعلي پهاڙن کي نہ پيا چيري سگهن. بستري کان بيزار ٿي ٿيلهي جي اڳيئن منهن واري خاني مان سنڌي سليمي ڏندڻ ڪڍي وراندي جي اوٽ ۾ بيهي شهر جو نظارو ڪرڻ لڳس.

استور شهر قدرتي طرح پيارو ۽ دلڪش شهر نهيل آهي چوئطرف وڻڪار ساوڪ سان ڍڪيل گهر، اڪين جي ٺڌاڻ وڌائي رهيا هئا. سامهون هڪ عاليشان مسجد تي نظر پئي جيڪا زير تعمير هئي. هتي جا ماڻهو مون نيڪ ديندار، ايماندار ڏٺا، اڪثر سني ۽ تشيع (آغاخاني) مسلڪ هتي گهڻو ڏٺو.

استور شهر جا ماڻهو محبتي ۽ محنتي ۽ جفاڪش آهن. پنهنجي ڪم سان لڳاءِ گهڻو اٿن.

مون هي ڳالهيون غور سان پر کيون.

هتي نه فشري نه ڦڏو.

ڪونه ڏٺو مون ڪو جوا جو اڏو.

نه ڀنگي نه چرسي،

نه آيو نظر ڪو جڏو.

هر شخص محنتي ۽ مصروف، چاهي ننڍو هجي يا وڏو.

ڏندڻ ڪري وهنجي تاز دم ٿيس. ڪجه طبيعت ٺيڪ نه پئي لڳي، بخار مٿي ۾ سور ۽ دل ڪچي محسوس پئي ٿئي، لڳي ائين پيو جو راتوڪي هوٽل واري برياني پنهنجو ري ايڪشن ڪيو هجي. انچ جيترو هڪڙو چانور هيو، جنهن رات ڪان وٺي وهم ۾ مبتلا رکيو هيو ته هي چانور هيا يا سيون، وري خيال پيو اچي ته چاٺنا به ويجهي آهي متان هي چانور پلاسٽڪ جا نه هجن.

مون به موٽيليم پيناڊول ۽ رائيزڪ جو ڊوز ڪک ٺاهي ٻڪئي پيٽ هٽي ڪڍيومانس. دوست به سڀ تيار هيا سو جلدي گاڏي ۾ ويٺاسين.

اڄ اسين پاڪستان جي بي انتها خوبصورت ترين جاين مان هڪ جاءِ منمرگ وادي جي سير لاءِ نڪتل آهيون.

هي وادي پوري ريڊ زون ۾ داخل آهي.

هن وادي ڪي صرف مقامي ماڻهو ، فوج، ۽ اهي ماڻهو ڏسي سگهن ٿا جن کي ڪنهن فوجي عملدار جي سفارش جو سرٽيفيڪيٽ هجي.

گاڏيون ۽ ڊرائيور اڄ به ساڳيا هيا، هڪ پراڊو ۽ هڪ TZ گاڏي هئي غالبن اجوڪو ڪرايو اوٽ موٽ اسانکي پنهي گاڏين جو 38000 پئجي ويو.

مون سنگت کان اجازت وٺي گاڏي جي دري سنڀالي جيئن تازي هوا منهنجي لاءِ صحت بخش ثابت ٿئي.

اڄ اسانجو استور ويلي ۾ آخري ڏينهن هيو ۽ آخري پوائنٽ رهيل هئي، شايد زندگي ۾ متان وري ان خوبصورت وادي ۾ نه اچي سگهان.

حسرت منهجان هن حسين منظرن کي ڏسندو ۽ پنهنجي يادا شت واري خاني ۾ رکندو پيو وڃان،

هر هڪ جاءِ،

هر هڪ نهر،
هر هڪ پهاڙ،
هر هڪ گهر،
البتہ ڪجهہ اهڙو نہ هيو جو منهنجيون اکيون انهن مان مستفيض نہ ٿيون هجن.

دل ۾ خيالات جا طوفان برپا ٿي استور شهر سان عقيدت ڪرڻ لاءِ ذهن کي منتشر ڪري رهيا هئا تہ..

هن حسين شهر سان پنهنجو اظهارِ محبت ڪري ڇڏ.
خبر ناهي زندگي ۾ وري هن ڌرتي جي خوشبو سنگهين سگهين يا نہ.
دل ٿي دل ۾ مون هن طرح هن ڌرتي سان اظهار محبت ڪيو تہ اي پاڪ ڌرتي....

تون پنهنجي حسن لازوال سان اسانکي موهي وڌو.
تو تائين پهچڻ ۾ جيڪي ڪشالا ڪيا،
تو انهن سڀني جو ڀرپور نموني سڀلو ڏنو،
تو ۾ گذرندڙ....
چار راتيون،
چار ڏينهن،
زندگي جي حسين ترين ڏينهن ۾ شمار آهن،
تنهنجي راتين جا رنگ نرالا آهن تنهنجي صبح ۾ سرور آهي.
۽ تنهنجي مٽي جي خوشبو هميشہ منهنجي من ۾ امر رهندي....
شال قيامت تائين آباد هجين.

هلندڙ سفر ۾ دوا اچي بيقراري ڪئي ڇو جو بک تي هيس. سو سنگت کي نماڻو عرض ڪيم تہ ادا ڪٿي ڪو اڏڙي چانهہ جي ۽ ڪو پاروٺو يا تازو پيس يا بسڪيٽ ڪارايو، دوائن پيٽ کي خالي ڏسي حملو ڪري قبضو ڪيو آهي.

سنگت تہ هائوڪار ڪئي، پر اسان وارو سوٽلي جهڙو ننڍڙو پتڪڙو ڇوڪرو جيڪو ڊرائيوري جي سيٽ تي ويٺو هيو سو ڪٿان پڌي،

اڙي بابا الله کي مڃ ڪنهن چانهہ واري هوٽل تي بيهاريو ڇوي تہ بس سامهون هوٽل آهي سامهون، نہ جاڻ تہ ڏهہ هوٽل ڪراس ڪري وياسين.

نيٽ وجي هڪ ريسٽورنٽ تي اچي بريڪ هنيائين،
مونسان مخاطب ٿيندي چيائين  تہ توهان اسانجا مهمان آهيو، سوچيم تہ سٺي جاءِ تي توهان کي چانهہ پياريان انڪري اِتي وٺي آيم.
چوي ائين پيو جو بِل ئي پاڻ ڀريندو. ريسٽورنٽ واقعي بهترين لوڪيشن تي هيو. اڳيان عمارت تهيل هيس ۽ پويان درياءَ طرف ننڍڙو گارڊن تهيل هيس، جتي ڪرسيون قطار ۾ لڳل هيس.
ڊرائيور چيو تہ هاٽي چانهہ بہ پيو ۽ ڪجهہ وقت وهندڙ درياءَ کي ڏسي سڪون بہ وٺو.
پلي پيا دوست اڳتي هلن چلم چونڪي تي پاڻ ئي انتظار ڪندا.
مون درياءَ جي ڪپ تي ڪرسي رکي دريا جي لهرن کي (جيڪي پُل کي چيريندي هڪ پلي گهوڙي جي رفتار سان گذري رهيون هيون) ڏسي رهيو هيس. هڪ تہ صبح جي ٿڌڙي هير، پيو آسمان تي ڪڪرن جو حملو جن سج کي بہ پنهنجي حسن ۾ گرفتار ڪري روشني کي ٿڌو ڪري ڇڏيو هو ۽ وري مٿان دريا جي گجگوڙ جو منظر طبيعت کي فرحت ۽ صحت بخشي ڇڏي، تيسيتائين اولپر جي ڪير مان تهيل پاٽي واري چانهہ ۽ هڪ ڪليل ڪيڪ بيري اچي ٽيبل تي رکيو، ڪوپ هٿ ۾ کڻي درياءَ جي وهڪرن کي ڏسي ۽ انجي سريلي گجگوڙ واري آواز کي ٻڌي ڪري چانهہ جا ڍُڪ ڀريندو ۽ پيئندو ويس.
سڪون جون ڪجهہ گهڙيون گذاري ۽ ان لمحن کي ڪئمرا جي اک ۾ قيد ڪري اڳتي وڌياسين. اسان جا پيا دوست گهٽو اڳتي نڪري چڪا هيا، سنهڙي پتڪڙي ڊرائيور بہ Tz گاڏي کي آسمان ۾ اڏاريو.
پري کان اسانکي هڪ گاڏي روڊ تي بيٺي نظر آئي.
جيڪا اسانجي ئي دوستن جي لڳي پئي، جڏهن ويجها پهتاسين تہ ان جو ٽائير پنچر لڳو پيو هيو، ان جاءِ جي پر ۾ هڪ هوٽل هيو، جيسيتائين ٽائير چينج ٿئي تيسيتائين ان هوٽل تي اچي ويٺاسين جتي ناشتي جو آرڊر ڏنو ويو. هوٽل جي هڪ طرف درياءَ ۽ ٻئي طرف آبادي جا منظر نظر اچي رهيا هيا
ڪرسٽل پاٽي جهڙي درياءَ جي وچ ۾ لاتعداد قسمين قسمين وڻن جا هجوم نظر آيا جيڪي درياءَ جي حسن کي چار چنڊ لڳائي رهيا هيا. مان ۽

شفيق درياءَ جي پيٽ ۾ لهي وياسين، جتي درياءَ جو پاڻي ۽ انجي وچ ۾ قسمين قسمين وڻن جو ڇار وڇايل ڏسي ڏاڍو سڪون آيو.

ناشتو بہ تيار ٿي ويو.

ناشتو هر ڏينهن جيان جتي ڪتي ساڳوئي هيو.

ناشتو ڪري اتان روانا ٿياسين اسان سان گڏ درياءَ همسفر هيو نيٺ ان جاءِ تي جدا ٿيو جتان ٻہ رستا نڪرن پيا.

هڪ جنن جو ديس ديوسائي ڏانهن ٻيو فوجين جو ديس منمگرگ وادي.

چلم چونڪي جتي پهلي ڪري آيا الفاظن ڪي پيهر ڏسي خوشي محسوس ٿي.

چلم چيڪ پوسٽ تي چيڪنگ وقت ڪافي وقت لڳي ويو

انتظار ۽ اڌ موت مثل آهي. طبيعت اڃا ڪجھ بيچين ڪري رهي هئي، مونسان سفر دوران اڪثر اهڙا مسئلا درپيش ٿيندا رهندا آهن انڪري پاڻ سان گڏ فرسٽ ايڊ ميڊيسن ساڻ هوندي آهي.

جيڪي دوست سفر لاءِ نڪرن تہ انهن ڪي بہ گذارش آهي تہ اوهان بہ سادي ۽ سولي ميڊيسن پاڻ سان ضرور کڻندا ڪيو

جيڪي ضرورت جون آهن، انهن مان ڪجھ هيٺ مينشن ڪيان ٿو.

جيئن.. پيناڊول بخار لاءِ.

فليجل موشن لاءِ.

نوسپافورٽ پيٽ سور لاءِ.

موٽيليم الٽي لاءِ.

نمز مٿي جي سور لاءِ، هي هر سور لاءِ ڪم ايندي آهي

رائيزڪ ڪيپسول يا ساشي معدي جي لاءِ.

استيميٽل مٿي ڦيري لاءِ ۽ الٽي لاءِ بہ ڪم ايندي آهي.

نيوبرول فورٽ جسم جي سور لاءِ

اينٽائيل يا رجيڪس خارش يا ڏڏر لاءِ..

وورين ڪنهن ڌڪ يا مخصوص جاءِ تي سور لاءِ

اهڙن علائقن ۾ ڊاڪٽر ملڻ ڏکيو هوندو آهي انڪري دوا ساڻ هجڻ عقلمندي آهي.

مونکي دوا سان فرق ڪجھ گهٽ پيو سو مون سوچيو ڪنهن نزديڪي اسپتال ۾ معائنو ڪرايان تہ بهتر رهندو، اڳتي جي سفر جو

ڪاٿو نہ هيو. مون قافلي ڪان اجازت وٺي آبادي جو رخ ڪيو، جتي هڪ پيپي-ايچ-آء جي اسپتال نظر آئي، اتي هڪ ڊاڪٽر ويٺو هيو جنهن ڪي طبيعت ڏيکاري ۽ بلڊ پريشر چيڪ ڪرايو، ٿورو گهٽ هيو هن ڪجھ ميڊيسن ڏني جيڪا مون بنا دير جي ڳڙڪائي ڇڏي.

هتي آبادي بہ پوري ساري هئي، ڪجھ گهر هيا، ۽ باقي فوجين جي قيام گاھ نظر آئي.

چلم چيڪ پوسٽ ڪان جڏهن اجازت نامو مليو تہ ڊرائيور بہ دير ڪانہ ڪئي ۽ گاڏي آسمان ۾ اڏاريائين.

چلم ڪان اڳيان خطي پنهنجا مناظر ئي مٽائي ڇڏيا، ائين پيو لڳي ڏيڻ ڪنهن نئين دنيا ۾ قدم رکيو هجي، جيئن ڏينهن مان رات ٿي ويندي آهي تيئن سائي رنگ مان سرخي مائل ڪلر جبلن جي نڪار ڪي وڌائيندو نمودار ٿيندو پيو وڃي، پهاڙ پري ڪان ائين نظر پيا اچن جيئن مصر جا احرام هجن جن تي ڊگها ڊگها وڻ ائين بيٺل هيا جيئن ڪنهن قلعي تي حفاظت لاء معمور سپاهي بيٺل هجن.

جبلن جي اوٽ سان هلندڙ سي سي بلاڪ جهڙي رستي ڪي وٺي گول مٿول چاڙهيون چڙهندا وڃي ان جاء تي پهتاسين جتي ٭ ڪ دفعو ٻيهر عظيم پهاڙن پنهنجي لباس ڪي سفيد رنگ سان زيب تن ڪري ورتو، چارو طرف برف ئي برف نظر پئي آئي جنهن پنهنجو اثر ٿڌ جي صورت ۾ ڪيڻ شروع ڪيو، ايسيتائين جو هڪ وڏي چاڙهي تي پهتاسين جنهن جو نالو برزل ٽاپ سان مشهور آهي هتي فوجي چونڪي پڻ آهي.

هي ٽاپ گلگت بلتستان ۽ ڪشمير جي انتظامي لڪير سان گڏوڏ آهي ۽ هتان ڪان اتر طرف 30 ڪلوميٽرن ڪان پوء لائن آف ڪنٽرول شروع ٿئي ٿي.

هن جاء تي 5 ڪان 6 فٽ برف پيل نظر آئي.

قدرتِ خداوندي جو اهو هڪڙو ڪارنامو ئي عقلن ڪي عاجز ڪرڻ لاء ڪافي هيو جو هڪ ئي وقت ۾ ٿوري مفاصلي اندر ڪٿي برف جا انبار تہ ڪٿي سج وانگر تپندڙ زمين، ڪٿي سنها پهريل ڪپڙا تہ ڪٿي پاتل بہ بہ جرسيون. ڪٿي ڇهري تي پگهر جا اثر تہ ڪٿي نڪرن سياندڙا.

برزل ٽاپ جي اوچائي 13808 meterآهي هي بابوسر ٽاپ ڪان ٿورو هيٺانهون آهي. جيسيتائين ڪارڊ انٽري ٿين تيسيتائين ڪجھ وقت برف جي

پٽين سان پنهنجي قد جي پيٽ ڪئي ۽ پاڻ کي تڏ سان ٻ ٽورو ريچارج ڪيو ۽ تحفتن اتان جي ليز laysچپس جو ذائقو چکي اڳتي وڌياسين.

اڳتي هلندي لاهين جو سلسلو شروع ٿي ويو جتي سفيد مائل پهاڙن آهستي آهستي پنهنجي وجود کي سائي رنگ جي چادر سان ڍڪڻ شروع ڪيو.

جڏهن هيٺ لهي ۽ منمرگ وادي ۾ داخل ٿياسين ته اتي اسانجي استقبال لاءِ مرموت نالي جانور پنهنجي اهل و عيال سميت ٻرن کان ٻاهر پيا نڪرن

جبلن جي دامن ۾ ننڍيون ننڍيون آباديون ننڍڙا ڳوٺ نظر اچڻ لڳا.

جن ۾ عجيب طرز جا گهر ٺهيل هيا. اڳتي هلندي هڪ بورڊ نظر آيو جنهن تي لکيل هيو ويلڪم ٽو (منمرگ ويلي) هتي به چيڪ پوسٽ هئي جتي اسانکي وري شناختي ڪارڊس انٽري ڪرائڻا هيا.

اجازت ملڻ کان پوءِ هن خوبصورت وادي ۾ داخل ٿياسين جنهن کي ڏسڻ سان يقين نه پيو اچي ته ڇا هي پاڪستان جو علائقو آهي يا ڪو سوئٽزرلينڊ جو علائقو آهي، حسن فطرت هتان جي ڪجهه عجيب ۽ دلڪش نظر آئي.

ڪي وڏا، ڪي ننڍا، ڪي گول، ته ڪي چورڪنڊا، سبز گاهه سان ڍڪيل گهاٽا پهاڙ، جن تي ٺهيل ننڍڙيون خوبصورت جهوپڙيون ۽ وچ ۾ وهندڙ ننڍڙيون نهرون جن جي ٻنهي پاسن کان ننڍي قد جا ڦٽل وڻ جيڪي حسن فطرت کي چار چاند لڳايون پيئا هيا.

ان حسين وادي ۾ ٺهيل سنگل روڊ تي هلندي هڪ پر رونق جهنگل ۾ داخل ٿياسين، جتي جبلن جيڏا ڏگها ۽ سڌا وڻ اسانجي استقبال لاءِ منتظر نظر آيا، مون پهريون دفعو اهڙو گهاٽو جهنگل ڏٺو هيو جنهن جي وچ ۾خوبصورت روڊ ٺهيل هيو جنهن تي اسانجي گاڏي روان دوان هئي. تڏي ۽ صاف شفاف پاڻي جي نهر جنهن مان نڪرندڙ ننڍيون ننڍيون ناليون چارون طرف جهنگل کي سيراب ڪري رهيون هيون، اڳتي هلندي جبلن تان لهندڙ تيز رفتار نهرن مان گاڏي پار ڪندا منزل کي قريب ٿياسين.

پري کان ئي ڪجهه عمارتون ظاهر ٿينديون نظر آيون، جڏهن ويجهو پهتاسين ته اڳيان هڪ گيٽ نمان جاءِ تي محترم فوجي صاحب شناخت لاءِ

روڪيو، اتي بہ شناخت رجسٽر ڪرائي ۽ هڪ باغ نمان علائقي ۾ داخل ٿياسين.

(ڪم از ڪم چلم چونڪي کان اڳتي اسانکي 5 کان 6 دفعا شناخت ڏيڻي پئي ۽ سڄي علائقي ۾ رڳو فوجي جوان الرٽ نظر آيا، جن کي ڏسي دل ۾ جذب جهاد جا خيال برپا ٿي رهيا هيا تہ جي اگر هيئنر جنگ جا گهنڊ وڄن تہ هنن جوانن سان گڏ پنهنجي وطن جي پاڪ ڌرتي مٿان پنهنجو سر بہ قربان ڪيان).

پارڪنگ ايريا ۾ پراڊي کي شانت رهڻ لاء روڪيو ويو.

اسان هڪ ڪچو پڪو رستو وٺي پيدل اڳتي وڌياسين ۽ هڪ وسيع ۽ پياري سائي رنگ جي خوبصورت ڍنڍ جي دامن ۾ پهتاسين، جيڪا رينبو ليڪ جي نالي سان مشهور آهي جنهن جو طلسماتي حسن ڪنهن جادو کان گهٽ نہ هيو، ڏسڻ وارن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ لاء پنهنجي وجود جا رنگ مٽائي رهي هئي.

ڊوميل وادي جي سونهن هن جهيل ۾ اونهاري جي موسم ۾ 7 کان اٺ رنگ نظر ايندا آهن انڪري هن جو نالو رينبو ليڪ رکيو ويو آهي هتي سانوڻ ۾ 12 کان 13 اقسام جا ننڍڙا گل پوري جهيل واري خطي کي سينگاريندا آهن.

ملڪ جي عظيم جبلن تان لهندڙ پاڻي سان ٿهندڙ هن چوڪنڊي ڍنڍ کي مصنوعي طريقي سان بہ گهڻو سينگاريو ويو آهي، ڍنڍ جي پاسي ۾ هڪ بهترين پڪو هٽ نموني (ڪمرو جيڪو غالبن اڌ شيشي جو ٺهيل هيو) ٺاهيو ويو آهي، جتي سياح ڪجهہ سڪ جو ساهہ کڻي سگهن ٿا.

ڍنڍ اندر ڪجهہ بيٺل ٻيڙيون نظر آيون جن تي سوار ٿيڻ لاء ڪير تيار ئي نہ هيو، هڪ جاء کان هڪ ننڍڙو ريسٽورنٽ بہ ٺهيل هيو، جتي صرف چپس پڪوڙا ۽ چانهہ دستياب هئي، اسان پري کان صرف خوشبو ئي سنگهي سگهياسين، چو تہ کائڻ جو موقعو ئي نہ مليو.

هي علائقو ريڊزون ۾ داخل آهي چو جو جبل پار انڊيا جو بارڊر آهي انڪري هتي سخت پهرو ۽ فوجي جوان هر وقت الرٽ بيٺل هوندا آهن، هتي، عام ماڻهن جو اچڻ نہ هجڻ جي برابر آهي جيڪي اچن پيا سو بہ اهي جيڪي ڪنهن فوجي گهراڻي سان تعلق هجين يا وري ڪنهن فوج جي

وڏي آفيسر جو اجازت نامو هجيس. اسانکي به هڪ دوست جي توصل سان اهو اجازت نامو مليو هيو تڏهن اڳتي وڃي سگهياسين.

ڪجھ وقت حسن فطرت کي ڏسندي پر ڪيندي ڪئميرا جي اک ۾ قيد ڪندي گذاريوسين، ته مٿان رحمت جا ڪکر به وسڻ لڳا، جيسيتائين پهچندا وڃي گاڏي تائين پهچئون تيسيتائين وڏ ڦڙي هٽي ڪپڙن جا دونهان ڪڍي ڇڏيا. گاڏي ۾ ويهي ڪري سڌو استور شهر جو رخ ڪيوسين.

لڳاتار 6 ڪلاڪن جي سفر ڪان پوءِ وڃي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين ۽ ڪجھ ٽڪ لاهي سامهون ئي هڪ هوٽل تي استور جي آخري رات جو آخري ڊنر ڪيو، ڪُڪڙ جي ڪڙاهي ۽ چانهه جي چسڪي سان ڊنر کي يادگار بڻائي بستري تي آرامي ٿياسين.

# استور ۾ آخري لمحا

اڄ استور شهر ۾ آخري صبح آهي، ۽ اڄ واپسي لاءِ هرڪو بيچين پيو ٿئي پر منهنجي ڪنڊيشن مختلف هئي حالانڪ مان به ڪافي حد تائين ڊگھن سفرن جي ڪري بيمار ٿيس ۽ دل شڪسته ٿيس پر استور جي وادي سان چاهه انتها جي حد تائين پهچي چڪو هيو واپس ورڻ تي دل نه پئي چوي سوچيان پيو ته جيڪر به چار ڏينهن پيا به گذرن پر اڪيلو مان نه هيس ساٿ سان هيو سنگت جو.

صبح جو سويري ئي تياري مڪمل ڪري ناشتي جي نيت ڪئي پر دير سبب چانهه ۽ بسڪيٽن تي اڪتفا ڪئي سين. ان لاءِ استور شهر جي مين بازار واري روڊ تي ٺهيل هڪ ننڍڙي ريسٽورنٽ تي جتي اسين پنهنجي زندگي جي چار ڏينهن جي کاڌ خوراڪ کاڌي هئي سين، اتان استور شهر جي آخري چانهه ۽ تازي ڪيڪ سان نيرن ڪئي.

عجيب ڳالهه جو پوري ٽوئر ۾ چانهه هن مرد مجاهد جي پهلي ملي نيٽ پچيو مانس ته چانهه ۾ ڪجھ وجهندا ته ناهيو، کلي چيائين نه سائين هر مان پتي ٻاهران گهرائيندو آهيان، خاص پتي لاءِ اسلام آباد ويندو آهيان، پڇيومانس ته پهلا نالو ٻڌايو چيائين (ڪراچي تي No.1،

پر مونکي نہ ملي سڄي ڪراچي گهميس.

هوٽل مالڪان سان موڪلايو جن اسانکي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ڏاڍا قربائتا هيا.

اسانجو جو خاص خيال ڪيائون جيڏي مهل وياسين سڄو ءِ صاف ءِ تازو ڪاڏو ڪارائيندا هيا. الله پاڪ انهن کي انجو اجر عطا ڪندو. انهن کان موڪلائي سڌو مين چوراهي تي لڳل ٽاور سان آخري سيلفي ڪڏي ءِ بشير ڀائي سان موڪلايو جنهن اسانجي باقائده خدمت ڪئي، هر ڳالهہ ۾ مدد ڪئي.

في ڪمرو 2000 ڏِن ٽيو هيو پر آخري وقت ۾ صرف 1000 في ڪمري جو حساب ورتائين. جيڪا گاڏي 30 هزار ڪرائي ۾ پوي پئي اها بشير ڀائي جي توصل سان 20 هزار ۾ پيو ڪرائي ڏي. منهنجي سالگره ملهائڻ ۾ وڌو هٿ سندن جو هيو الله پاڪ سندن کي خوش ءِ آباد ڪري ءِ انجي روزي ۾ برڪت عطا فرمائي (نوٽ اگر ڪو دوست استور ويلي وڃڻ چاهي تہ رهائش لاءِ بشير ڀائي سان رابطو ڪري هي انجو نمبر آهي 03555143025)

سفر جي دعا گهري گاڏي ۾ ويٺاسين. ڪراڪرم هاءِ وي کي ساڄ ڪري سفر کي ڪٽائڻ لاءِ گانن ءِ گيتن جو سهارو ورتي اڇي پهرين بريڪ وڃي بابوسر ٽاپ تي هنئين، جتي بک کي گهٽائڻ لاءِ طرحين طرحين جا ٽوٽڪا آزمايا. ڪجهہ وقت سڪون جو گذاري ناران طرف گامزن ٿياسين. شام جي وڳڙي ۾ ناران جي سرزمين تي پير رکيوسين، گاڏي ۾ ڪجهہ مسئلو هيو ءِ ڪجهہ دوستن کي بازار مان شاپنگ بہ ڪرڻي هئي سو گاڏي واري اسانکي شهر جي باءِ پاس کان لاٿو ءِ پاڻ گاڏي ٺهرائڻ لاءِ شهر جو رخ ڪيائين باقي مون سميت اباڻڪا درياءَ ڪنهار جي ڪناري تي سڪل منهن ڪري هڪ پئي جون سيلفيون ڪڍڻ ۾ مشغول ٿي وياسين، اوچتو خيال آيو ڇو نہ ٻوٽڪ (ٻيڙي) جي رائيڊنگ ڪجي،

ان ضمن ۾ ڪجهہ دوست راضي تہ ڪي ناراض،

ڪن جا ڪيسا خالي،

تہ ڪن ۾ پريل خوف.

نيٺ فيصلو جمهوريت جو ٿيو ءِ ڪاميابي راضي گروپ جي ٿي. ٽڪيٽون بڪ ڪرايون جيڪا في ٽڪيٽ 700 روپيا ملي.

پهريون دفعو ٻوٽ (ٻيڙي) ۾ سوار ٿي وينس دڄ ٻـ ڏاڍو پيو لڳي پر اهڙو ايڊوينچر هٿن مان گوائڻ گوارا نه پيو ڪري سگهان. 1 ڪان 2 ڪلو ميٽرن جو هڪ طرفو سفر مون لاءِ ڪنهن قيامت صغريٰ کان گهٽ نه گذريو. درياءَ ڪنهار جي موجن تي ترندڙ ٻيڙي جي آسري تي ساهه سڀي تائين پهتل هيو.

پلي گهوڙي جي رفتار سان وهندڙ پاڻي ذري گهٽ ٻـ ڪان ٽي ڀيرا ٻيڙي کي اُلٽو ڪرڻ لاءِ زور ڏنائين، پر الله کي سنڀاليندي صلاتون پڙهندي نيٺ اچي منزل مقام تي پهتاسين.

هڪ ٽڏ پيو چولين سڄا ڪپڙا ئي آلا ڪري ڇڏيا.

ايستائين اسان واري گاڏي بـ اچي پهتي پوءِ تـ آلن ڪپڙن سان ئي چڙهي درواز بند ڪري ۽ ڪروندڙا ٿي اندر ويٺاسين، ناران ڪان نڪري سڌو اسلام آباد روانا ٿياسين، سڄي رات ڏکي سفر ۾ گذاري.

صبح جو 5 وڳي گاڏي واري سڌو بريڪ وجي ٻير ودائي استاپ تي هنئي، جتي سڀ دوست هڪ ٻئي سان موڪلائي الڳ ٿلڳ ٿي ويا

ڪي ڪراچي ويا تـ

ڪي حيدرآباد

ڪي ميهڙ تـ

ڪي لاڙڪاڻـ،

شفيق ۽ مون ٻن ڏيٽن لاهور جو رخ ڪيو ۽ ائين وجي استور جي سفر جي پڄاڻي ٿي.............

